
رڻ تي
چانڊوڪي
( شاعري )
ايوب کوسو
روشني

# رڻ تي چانڊوڪي

(شاعري)

## ايوب کوسو

روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو
2017ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گھر

# حق ۽ واسطا

ڪتاب جو نالو: رڻ تي چانڊوڪي
موضوع: شاعري
شاعر: ايوب کوسو
ڇاپو پهريون: پهريون 2012ع
ڇاپو ٻيو: 2017ع
ڪمپوزنگ: پرڪاش ڪرمواڻي
ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو

قيمت: 200 روپيا

# ارپنا

هِن ڌرتي تي لاوارث ٿِي مرندڙ
لاوارث ٿِي جيئندڙ انسانن
جي نالي.
اظهار جي آزاديءَ جي ڳُنوار جي حاصلات لاءِ
راهن ۾ رَت ڏيندڙ ٻاڙهن گهوٽن جي نالي!
سنڌ جي عشق ۾ ٽانڊن تي پير رکي هلندڙ
اڻموٽ عاشقن جي عاشقي جي نالي!

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”**رڻ تي چانڊوڪي**“ اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب هن دور جي خوبصورت شاعر، تخليقڪار ۽ ليکڪ **ايوب کوسي** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. موهن مدهوش لکي ٿو:

”ايوب کوسي جي شاعري، روايتي شاعري ناهي پر اُن ۾ نوَن خيالن ۽ تشبيهن جا رنگ موجود آهن. ان منفرد انداز جي ڪري ئي هن ٿوري وقت اندر ئي ادبي دنيا ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ قائم ڪري ورتي آهي. هن پاڻ کي فطرت کان پري نہ رکيو آهي ۽ اهوئي سندس شاعريءَ جو حُسن آهن. هن روڊ تي پٿر ڪُٽيندڙ مزدور کان ويندي ٻنئي وقت سڀ ڪُجهہ زميندار جي قرض ۾ ڏيئي، خالي هٿن موٽندڙ هاريءَ جي درد تي، ان ئي ڪيفيت ۾ لکيو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ پورهيت جي پگهر جي خوشبوءَ سان گڏ وينگس جي آلن وارن جو هڳاءُ بہ آهي. هن محبت ۽ مُفلسيءَ تي گڏوگڏ لکيو آهي ۽ اُن سان باقاعدي نيائيو بہ آهي. هن جي شاعريءَ ۾ حُسن جي ثنا بہ آهي تہ ناانصافي خلاف مزاحمت بہ آهي.“

هي ڪتاب **روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو** پاران 2017ع ۾ ڇاپيو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري دوست پرڪاش ڪرمواڻي جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

## فهرست


1. رايو: موهن مدهوش
2. تخليقي ۽ جمالياتي شاعر۔تاج جويو
3. ڌرتيءَ جو شاعر: ايوب کوسو۔گلشن لغاري
4. شاعر پاران۔ايوب کوسو

- زماني بُت رقابت جا۔(غزل)
- برسات جي رمجهم ۾ ۔(غزل)
- ڪڏهن انڪار لِڪرايو۔(غزل)
- اڄ دل مارجي ويندينءَ۔(نظم)
- درد وڌي ويا۔ (غزل)
- حُسن کي ديوانگي ڳولڻ وئي۔(غزل)
- اڻ تِڙيل ڪنول جي نانءُ۔(نظم)
- جڏهن بہ تُنهنجو خيال آيو۔(نظم)
- گهڙيون اڪثر شبابن ڏي۔(غزل)
- ڏيهہ جا ڏيئا انڌا۔(نظم)
- رابيلن جي رُت ڪان اڳ ۾۔(نظم)
- مخمور ستارن ڇرڪ ڇريو۔(غزل)
- ڪنول مُرڪون لتاڙي ويون۔(غزل)
- پوءِ جِي وياسين۔(نظم)
- ڪجليون ڪٽي نهارون۔(غزل)
- تون ناهين چڻ ڪُجهہ پِي ناهي!۔(نظم)
- ڪونہ جُهڪيا ڪامات قبولي۔(غزل)
- رڻ پٽ ٽي وياسين۔(نظم)
- چاهيان ٿو مان!۔(نظم)
- چاهيان ٿو مان!۔(نظم)
- نيڻ هُن جا ڪتي۔(غزل)
- مَٽيو وڃن مَٽيو وڃن۔(غزل)
- اي مٽي ٻُڌي ڇڏ۔(نظم)

- ڪِڙيل تاري ٻُڌايو ـ(نظم)
- ڇيريون ڇمڪن ڇوليون ٿِي ـ(نظم)
- ادائن سان دل ڪي ـ(غزل)
- اڳي ئي غم هِن ڪروڙ ـ(غزل)
- ڪجليءَ هِت ڪيڏارا آهن ـ(نظم)
- اُها سنڌ آهي ـ (نظم)
- اسان جي ٿيندينءِ سوال آهي ـ(غزل)
- واءُ ڏئي ويو ڦيرا يارو ـ(غزل)
- زندگي ناهي سُتي! ـ(نظم)
- هِي درد جي نگري آ ـ(نظم)
- ڊگها وار کولي ائين ٿي کِلين ـ(غزل)
- اکين جي درد سان وهنتل ـ(غزل)
- ڇِرڪ ٿي ويس ـ(نظم)
- ڳالهہ صُبح جي زخمن جي! ـ(نظم)
- زمانو ڪو عقاب ٿيو ـ(غزل)
- سج آهي پرينءَ ليٽيو ـ(غزل)
- ڏرتيءَ توڏي ڏنجهہ وريا ها ـ(غزل)
- تُنهنجي مُرڪڻ ٻڌايو آ ـ(نظم)
- قسم سُرخيل نگاهن جو ـ(نظم)
- تو پيار جي چُنيءَ تي ـ(غزل)
- هڪبئي تي ڪفا جو چو ـ(غزل)
- تڏهن تہ تُون شهيد ٿِئين ـ نظم)
- شهيدن کي خِراج ـ(نظم)
- پنهنجن جا ئي هٿ هئا ـ(غزل)
- منڙو ارپيو رڻ جي ڏِي ـ(غزل)
- گهاٽا ٿِي ويل گهر! ـ(وائي)
- سنڌوءَ درياهہ ـ نظم)
- چنڊ منصور آ! ـ نظم)
- توکي سَڏ ورايو ناهي ـ(غزل)
- اکيون ائين نہ تاڻ ـ(وائي)

- هاڻ هلجي! ـ (نظم)
- حجابي مُند سام مهڪيل ـ (غزل)
- تون جي وجهين نگاهه ـ (وائي)
- اکڙيون رڻ ٻارين (وائي)
- پره جي دلبري آهي ـ (نظم)
- وجهي نه ڪو نقاب اچ ـ (غزل)
- تارو تارو چڻ ڪو تانڊو ـ (گيت)
- اَڪ جو پاڇو آهين ـ (نظم)
- رڻ تي اُڀري چنڊ ـ بيت)
- سمنڊ ٻڏجي ويا آهيون ـ (نظم)
- سنڌ سدائين گهوٽيتن جو ـ (پنجڪڙا)
- روح اندر جي ڪي ڇاڇولي ـ (پنجڪڙا)
- زخمن جا مليل موتي ـ (پنجڪڙا)
- يادگيريون اچن ـ (نظم)
- وڪري وڃان نه آئون ـ (پنجڪڙا)
- آئون اڄ ئي وڪريل ـ (چئوسٽا)
- دنيا روڪڻ ڪون ڇڏيندي ـ (غزل)
- منهنجو جي ويساهه مئو ـ (پنجڪڙا ـ قطعو)
- اِهو نه پڇ ته ڇا مليو ـ (پنجڪڙا)
- وڏيل روهيڙو ڪو آهيان ـ (گيت)
- وقت ڪي اک ۾ رکو ـ پنجڪڙا)
- اهڙا وحشي وار ٿيا ـ وائي)
- مان باغي هان ـ نظم)
- سُريون اُڃ تي آڳريون ـ (بيت)
- رهي نه موسم ـ (نظم)
- ڏسندي ـ (ڪنٺ)
- برسات ـ (ڪنٺ)
- حيرانيون ـ (ڪنٺ)
- وينگس ـ (ڪنٺ)
- ڏوتو ناهي پاڻ ڪي ـ (بيت)

- درد هِن سوچي اچو-(وائي)
- تنهائي جي روح جو-(بيت)
- منهنجي وس ۾ نہ آ-(نظم)
- سمجهي ويس مان-(نظم)
- هل پٽائي ڏي هلون-(نظم)
- بغاوت جو پڙڪو-(نظم)
- دلين جا ٽڪاٽا اُجهاٽا-(غزل)
- اجرڪ سان غداري-(نظم)
- سهڪن ڪي نہ تاٽي هنڌن ۾-(غزل)
- ڪجن پيا ڪلهن تي-(غزل)

ڪتابن جو تفصيل-

❋❋❋

# رايو

شاعر، پنهنجا چَپ تڏهن چوري ٿو جڏهن هُن مٿان شاعري الهام ٿئي ٿي ۽ پوءِ هُو ڳائي ۽ جاڳائي ٿو. سنڌي ادب ۾ ڏاڍا وڻندڙ ۽ متاثر ڪندڙ شاعر موجود آهن، جن پنهنجي خوبصورت خيالن ذريعي پڙهندڙ جا من موهيا آهن. شاعري دل جو آواز به آهي ته رُوح ڪي ريجهائيندڙ ساز به ان مان اهوئي محضوض ٿي سگهي ٿو جيڪو شاعراڻو مزاج رکندڙ هجي.
ايوب کوسي جو نالو نئين ٿهيءَ جي انتهائي خوبصورت شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن جي پڙهندڙن جو هڪ وڏو حلقو آهي. سندس شاعري، اکين مان ٿِي دل ۾ لهي وڃڻ جهڙي سگهه رکي ٿي. هن جي شاعريءَ ۾ چنڊ جي ڏيمي روشني به آهي ته سج جو تيز تاءُ به. هن ڀنڀور جي آثارن ڪان وني مُومل جي ماڙيءَ تي اکين ڪي پير ٻڌائي وڃي مشاهدا ماڻيا آهن ۽ پاڻ ڪي انهن جي دؤر ۾ وڃائي، احساسن جا موتي ميڙيا آهن ۽ انهن کي شاعريءَ جي مالها ۾ پوئيو آهي.
ايوب کوسي جي شاعري، روايتي شاعري ناهي پر اُن ۾ نوَن خيالن ۽ تشبيهن جا رنگ موجود آهن. ان منفرد انداز جي ڪري ئي هن ٿوري وقت اندر ئي ادبي دنيا ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ قائم ڪري ورتي آهي. هن پاڻ کي فطرت کان پري نه رکيو آهي ۽ اهوئي سندس شاعريءَ جو حُسن آهن. هن روڊ تي پٿر ڪُٽيندڙ مزدور کان ويندي ٻنئي وقت سڀ ڪُجهه زميندار جي قرض ۾ ڏيئي، خالي هٿن موٽندڙ هاريءَ جي درد تي، ان ئي ڪيفيت ۾ لکيو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ پورهيت جي پگهر جي خوشبوءَ سان گڏ وينگس جي آلن وارن جو هڳاءُ به آهي.
هن محبت ۽ مُفلسيءَ تي گڏوگڏ لکيو آهي ۽ اُن سان باقاعدي نڀائيو به آهي. هن جي شاعريءَ ۾ حُسن جي ثنا به آهي ته ناانصافي خلاف مزاحمت به آهي.

**موهن مدهوش**

***

# تخليقي ۽ جمالياتي شاعر

ايوب کوسو نئين ٽهيءَ جو خوبصورت، ذهين، تخليقي ۽ جمالياتي شاعر آهي. هن پنهنجي ننڍي ڄمار جي مختصر تخليقي سفر ۾ پنهنجي همعصرن جي مقابلي ۾ وڏي ميجتا حاصل ڪئي آهي. ان جو ڪارڻ سندس وسيع مشاهدو مطالعو ۽ حقيقتن کي سمجهڻ جو فهم آهي. هي واقعن، وارداتن، جذبن، مشاهدن ۽ تجربن ڏانهن مصورانه نگاهه رکي ٿو جنهن ڪري هن جي شاعريءَ ۾ اسان کي ڪٿي به ايراءُ ۽ مصنوعيت نظر نه ٿي اچي. هو پڙهندڙن جي دلين جي ڌڙڪن بڻجي پوي ٿو ۽ هر ڪو سمجهي ٿو ته هن سندس دل جي ڳالهه ڪئي آهي. هن جو اُچٽ مشاهدو تخليق جي تاجي پيٽي ۾ جيڪي خوبصورتين جا رنگ ڀري ٿو اهي پڙهندڙ جي نه رڳو دل کي ڇُهن ٿا پر دماغ کي به متاثر ڪن ٿا. جيڪي شعر دل ۽ دماغ کي هڪ ئي وقت متاثر ڪندا آهن، انهن ۾ جيڪڏهن دائمي قدر موجود آهي ته اهڙي شاعري امرتا حاصل ڪري سگهندي آهي. ايوب کوسو اهڙو شاعر آهي، جنهن جي شعرن جون سٽون ياد ٿي وڃن ٿيون ۽ حوالي طور (Quotable) ڪتب اچن ٿيون، جيڪا ڳالهه هن جي پنهنجي اصلوب ۽ Diction جي نشاندهي ڪري ٿي.

**تاج جويو**

***

# ڏرتيءَ جو شاعر: ايوب کوسو

ايوب کوسو سنڌ جي ڏات نگر جو اهو وهائو تارو آهي، جيڪو پرڻ جي پڪ ڏئي ٿو. هو سنڌ جي نئين نسل جي مزاحمتي شعور جي علامت ۽ اهڃاڻ آهي، جيڪو سنڌ جي ٻهراڙين اندر سمايل سنڌ جي ضمير جي زنده هجڻ جو جيئرو جاڳندو ثبوت آهي. سندس پهريون ۽ ازلي عشق ڌرتيءَ سان آهي ۽ ان سان نياءُ سندس شاعريءَ جو ڪارج آهي. بنا ڪنهن شڪ جي چئي سگهجي ٿو ته هو عرصي کان سنڌ جي ٻهراڙين سان لاڳاپيل مگر پڙهيل لکيل نوجوانن جو آئيڊيل شاعر بڻيل آهي. پلي ايوب جا تنقيد نگار سندس ڏات کي پنهنجي ساهمين ۾ توري وزن ڪندا رهن پر ايوب سنڌ جو اهو نوجوان شاعر آهي، جنهن جي نظمن کي سنڌ جي واهڻن ۽ وستين، استاد بخاري جيان هينئين سان هنڊايو ۽ جيءُ ۾ جايون ڏنيون آهن. ايوب جي ڪتابن جا پبلشر گواهي ڏين ٿا ته حيرت انگيز طور سنڌ جي ننڍڙي ۽ ڪنڊائتي وسندي جهڏو تائين عملي طور محدود هجڻ سان گڏ ڪنهن به وڏي نالي واري اديب جي پروجيڪشن جو سهارو نه هوندي به ايوب جي شاعري سنڌ جي وجود کي وڻ ويڙهيءَ جيان ويڙهيل آهي. سندس شاعريءَ جا ڪتاب نه رڳو هٿوهٿ وڪامجن ٿا پر انهن جا ايڊيشن به نڪرن ٿا. ان جو ڪارڻ به سندس اندر ۾ وسندڙ وطن سان غير مشروط عشق آهي، جنهن جو جلوو سندس شاعريءَ جي هر انگ مان پسجي ٿو. مون اڄ تائين سندس کي بنهه ٿورا نظم پڙهيا هوندا، جن ۾ سنڌ ڌرتي جو درد سمايل نه هجي! هو سنڌ جو اهو اڪيلو مشهور شاعر آهي، جنهن تي سنڌ جو ماڊرن انٽيليڪچوئل طبقو شايد ان بنياد تي تنقيد ڪري ٿو ته هن گلوبلائزيشن ۽ انفرميشن ٽيڪنالاجي جي دوُر ۾ به هُن پاڻ کي رڳو سنڌ تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي پر شايد اڳتي هلي سنڌ جو تاريخدان ڪيس ان بنياد تي ئي سيني کان مٿانهون مان ڏيڻ تي مجبور ٿئي ته هن پنهنجي سڄاٽپ سنڌ کي ئي ٻڌايو آهي. ڪيس ڪا اهڙي دعويٰ ڪانهي ته ڪو سندس ڏات ڌرتي کان مٿاهين آهي. هن جي تخليق ۾ ته سنڌ ڪڏهن محبوبا جيان پنهنجي سمورن حسناڪين ۽ البيلين مست ادائن سان ته ڪڏهن ڪنهن جوان وڌوا جيان اداس شامن، ويران صبحن ۽ اجڙيل سينڌ سان جلوه گر آهي، جيڪا ڪڏهن به سندس اداس اکين کان اوجهل نٿي ٿئي. هن جي تخيل جي ڪائنات سنڌ آهي، جنهن سان هن جو فن ۽ فڪر ايئن سلهاڙيل آهن، جيئن مارئي جي پنهنوارن ۽ پکڙن سان پريت اٽمٽ هئي.

ايوب جو ٻہ الستي انگ پنهنجي وطن سان اڙيل آهي، هو ڏيکاء خاطر پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌ جي منظرن جو ذڪر نٿو ڪري پر هو هڪ سچي عاشق جيان بيوس آهي، هو ڪيترو ٻہ چاهي ۽ سندس ذات جي ڪائنات ڪيتري ٻہ وسيع ٿي وڃي، پر اها ڪڏهن ٻہ سنڌ جي موسمن، منظرن، رسمن، ٿر جي تارن ڀري حسين رات، لاڙ جي لچارين حسينائن، مهراڻي جي چيڪي مٽي، ڪينجهر جي مست هوائن ۽ ڪارونجهر جي مورن جي ٿهوڪن توڙي سنڌ جي آڪاس تي اڪثر اوچتو ڇائنجندڙ ظلم ۽ جبر جي شام غريبان جهڙين شامن تي ڪيڏارن کان سواءِ مڪمل ٿي ئي نٿي سگهي. وٽس سنڌ جي سول سوسائٽي جي پڳدارن وانگي قلم براءِ فروخت جي ڪا گنجائش ڪانهي، جنهن جي آڌار هو سنڌ جي نالي تي دنيا گهمي، رات جو عياشيون ڪري ڏينهن جو ميڊيا جي آڏو سنڌ لاءِ واڳونءَ وارا ڳوڙها ڳاڙيندو هجي. هو سنڌ جي ان مسڪين ڦريل لتيل اڪثريتي طبقي مان آهي، جيڪي ”آٽين ۽ چاڙهين، ڏٽ ڏهاڙي سومرا“ جيئن برسات ٻوڏ ۾ ٻڏڻ بعد پنهنجي اباڻن ڪکن مان ٻہ جلاوطن بنجي ويا هئا. بيگناهہ ضيائي ڪاري قانون هيٺ جوين جا ڏينهن جيل ۾ گهاريندڙ ۽ ان دؤر ۾ ڪيترن پنهنجن پراون جي روين جي جيءُ جلائيندڙ جهنم جي تپش ۾ ٻہ ايوب لاءِ شاعري باهہ تي چندا ۽ گهاون لاءِ مرهم بنجندي رهي. هن روايتي ۽ اصلي سنڌين جيان ان وقت ٻہ پنهنجي ذات لاءِ ڪنهن سان ڪو شڪوو يا شڪايت نہ ڪئي، بس خاموشيءَ سان لکندو رهيو. ظاهر آهي تہ شاعري خاموشي نہ پر درد جي اظهار جو سڀ کان سگهارو ڏانءُ آهي ۽ ايوب تي تہ ڪوتا جي ڪاڪ نگر جي مومل مهربان ٿي ڪيس ڪڏهوڪو چونڊي ورتو هو.

ايوب تي آيل ان دردناڪ دؤر ڪي ياد ڪندي هن وقت ٻہ منهنجون اکيون آليون ٿي وڃن آهن ۽ سوچيان ٿي تہ هن ڪيئن اڪيلي سر ان بيرحم وقت جي سنگين پلن ڪي پاڙ تي سَنو هوندو! روح ڪي رهڙيندڙ ۽ ساهہ ڪي سوڙهو ڪندڙ انهن ڏينهن مون ڪي ٻہ مايوس ڪيو هو، جيڪي صرف ڪجهہ پل، لمحا ۽ ساعتون نہ پر صدين جيڏا سال هئا.

ايوب ڪي شايد ئي ڪنهن ميڊيا آڏو پاڻ وٽائڻ لاءِ سجايل اسٽيجن تي ڏٺو هوندو. هن پنهنجي جيڪا ٻہ حيثيت ٺاهي آهي، اها سندس پيار جي پورهئي جو ثمر آهي، اهو سندس سچائي، لگن، محنت ۽ محبت جو ڪمال آهي جو اڄ هو بنا ڪنهن جي ڪلهن تي سواري ڪرڻ جي ان ماڳ تي پهتو آهي جنهن لاءِ گهڻا پيا سڏون ڪندا آهن.

ايوب پنهنجي فن ۽ فڪر کي وطن جو ورثو بڻائي ڇڏيو آهي، هن جو نظريو سنڌ آهي، جيڪا سندس ذات تي ڇانيل آهي ۽ ڌرتي جي قرض کي هو پنهنجي روح تي هر لمحي محسوس ڪري ٿو. هو محمود درويش جيان ڌرتي جو شاعر آهي، هن جي دل جي ڌرتيءَ تي ديس جا درد سانوڻي جي مينهن وانگي شاعري بڻجي وسندا رهن ٿا.

ايوب، فيض جيان پنهنجي شاعريءَ ۾ انقلاب ۽ رومانس کي حيرت انگيز نموني هم آهنگ ڪري، سهڻي انداز ۾ ان جو ايئن اظهار ڪري ٿو جو ڇيڪي مٽيءَ جي خوشبو سان واسيل سندس تشبيهون ۽ استعارا، اجرڪ تي ڦلڙين جيئن جڙجڻ ۽ جرڪڻ لڳن ٿا. سندس شاعريءَ جا منظر شهري آلودگيءَ کان پاڪ ڳوٺاڻي فطري ماحول جو مظهر آهن.

هو پنهنجي شاعري ۾ وڏي واڪي سچ جا هوڪا ڏي ٿو. نون ميم راشد جيان مفت ۾ خواب وڪڻي ٿو پر جڏهن ڪوئي خريدار نٿو اچي ته مايوس ضرور ٿئي ٿي، پر اهو سچ ڄاڻڻ جي باوجود ته هن ڪوڙ ۽ ڪانئررا جي ڪلجُڳ ۾ ڪو سچ جو سوداگر نه ايندو. هو پنهنجو سفر جاري ٿو رکي. ڪيڏو ڪٺن ڪم آهي، سچ جي قيمت ڄاڻڻ جي باوجود ان سان نڀائڻ!! پر پنهنجي رستي جي پاڻ چونڊ ڪرڻ کان پوءِ رستن سان شڪايت به ڪهڙي؟!

ايوب، رڳو حسين تخيل جي آڏاڻي تي شاعريءَ جي اٽت بعد پاڻ کي آزاد نٿو ڇڏي، پر انهن ڪربناڪ ڪيفيتن سان پڻ ڪميٽيڊ آهي، جيڪي ڪيس ذات جي ديوي دان ڪري ٿي. هر سچي تخليقڪار وانگي، هو تخليق جي عمل جي پيڙائن مان گذرڻ بعد به ديس مٿان لڙڪندڙ هر درد جي تلوار جي ڌار هيڊان پنهنجي ديس واسين سان گڏ گذاري ٿو.

ايوب وٽ نظم جو سگهارو ۽ آبشارن جي رواني جهڙو فطري ۽ دل آويز اظهار آهي، جنهن جا پنهنجا رنگ ۽ ڍنگ آهن. ڪيس پنهنجو اسلوب آهي جنهن تي ٻئي ڪنهن جو رنگ نٿو جهلڪي. هو سدائين شاعري ۾ پنهنجي گس ۽ گهاڙيٽن تي هلندو رهيو آهي. سندس اظهار جو انداز ڪنهن کان اڌورو ورتل ناهي. سندس شاعريءَ جي ٻولي سندس سڃاڻپ آهي ڇو ته اها ٻنهن منفرد آهي. سندس لهجي ۾ حالتن جي تلخي ته بکي ٿي پر سندس لهجو لاڙ ۽ ٿر جي منڙن ماڻهن جهڙو مٺو موهيندڙ ۽ سباجهو آهي.

ايوب پنهنجي شاعري وسيلي سنڌ جي نج نبار ڳوٺاڻي ثقافتي زندگي جا اهي رنگ پسائي ٿو جيڪي عام طور اسان جي جديد شاعري ۾ ڳولئي به نه ٿا ملن ۽ جيڪي اسان گهڻو ڪري وساري ويٺا آهيون. هن جي شاعري پڙهندڙ کي انهن وسري ۽ وڃائجي ويل رنگن جو نظارو

ڪرائڻ لاءِ پاڻ سان گڏ ڇيڇ پڪڙي وٺي هلي ٿي ۽ پوءِ پڙهندڙ انهن منظرن جي ميلي ۾ ڪنهن ٻار جيان گم ٿي وڃي ٿو.

عذابن جا سينا، ڪٿائون صدين جون،

شهيدن جا رتبا، صدائون اکين جون،

حسينن جون نظرون، ادائون سڀين جون،

رتن جا سنيها، دعائون پکين جون،

ڪو رهزن انهن کي لٽائي سگهي ٿو

ڪو سنگدل انهن کي کپائي سگهي ٿو،

ڪو منحوس تن کي اجهائي سگهي ٿو،

انهن جي سو قيمت لڳائي سگهي ٿو

نہ جنهن جي رڳن ۾ رهي ٿيج آهي.

هو محبتن جو منڪر ناهي پر ڪيس ادراڪ آهي تہ بسنتون نهارون سڀ ڌرتي تي سک ۽ سڪار کان سواءِ بي معنيٰ آهن.

ان ڪري مور جي ڪنڀن جهڙن حسين پيار جي پلن کي ماڻڻ مهل بہ ڪيس ديس جو درد نهوڙي ٿو ۽ ڪيڏارا ياد ٿا اچن.

ڪيئن ايندينءَ، پل ڪارا آهن،

ڪجلي هت ڪيڏارا آهن.

خوشبو جي پرن تي پيار جهڙا گيت لکندڙ ۽ پکين جي اڏارن جهڙا احساس رکندڙ هي اسان جو ڪوي پنهنجي دامن ۾ ڌرتي جو سمورو حسن ۽ درد سهيڙي ويٺل آهي.

سندس هر هڪ نظم جي هر سٽ ۾ ڌرتي جون صدائون آهن. انهن کي ڪن لائي ٻڌڻ جون التجائون آهن.

ٻڌايو هن غلامي کي ڏيون نالو ڪهڙو؟

اسانجا انگ چونڪين تي سدا آهن نهاريا ويا.

سندس اندر جي آواز جهڙو هي نظم هاڻ ۾ ڪنهن ڇيت جيان ڇپيندڙ مگر اميد ۽ احساس جي خوشگواريت سان ٽمٽار آهي.

هن نظم ۾ ايوب جي پنهنجي ذات جي محدود دائرن مان نڪرڻ ۽ اذيتن جي چار ۾ قيد ڪنهن پکي وانگيان آزادي جي تڙپ ۽ اڏامڻ جي آس ۾ اڏما آهن.

خوشبو وانگي هاٽي وڪرڻ چاهيان ٿو مان،
خاموشي جي رڻ مان نڪرڻ چاهيان ٿو مان،
ڪتبو ناهيان، ڳوڙهو آهيان الڪو آهيان،
ٻرندڙ ڄڻ اتهاس جو ڪوئي سڏڪو آهيان،
اذيت جي هر چار مان نڪرڻ چاهيان ٿو مان،
خاموشي جي رڻ مان نڪرڻ چاهيان ٿو مان.

منهنجي دعا آهي تہ شال ايوب جي ذات خاموشين جي رڻ پٽ مان نڪري خوشين جي خوشبو بنجي چئني ڏسائن ۾ پکڙجي سنڌ جي صدا بنجي وڃي ۽ سندس احساس امرتا ماڻين.

**گلشن لغاري**

6_آڪٽوبر، 2012ع

***

# انسانيت جي خواب جي بقا

## (شاعر پاران)

لفظ، اي سي ڪمرن ۾ ڪرسين تي ويهي بہ لکبا آهن. تہ لفظ، جُهڳين ۾ مٽي تي رلي وڃائي ويهي بہ لکبا آهن. لفظ شهادتون ساري بہ لکبا آهن، تہ لفظ زندانن ۾ گهاري بہ لکبا آهن! لفظ نراليون اجرڪون بہ ٺينداآهن تہ لفظ بندوقون بہ ٻڌجندا آهن! لفظ منصور جيان اکيون اکين ۾ ڄمائي بہ پنهنجو وجد ظاهر ڪندا آهن، تہ لفظ سسئي جيان منزل ڪي بہ تلاش ڪندا آهن! ڳالهہ اصل ۾ رڳو عشق جي ان سدا بهار سچائي جي آهي جيڪا عاشقن ۽ سَڌڙين جي سوچ جو روح ۽ مزاج توري پنهنجو فيصلو نراور ڪري ڇڏيندي آهي! اها حقيقت آهي تہ رڻ ڪڇ جي ٻرندڙ ٻپهرين جهڙا ٻانورا لفظ ۽ پارڪر جي مُشڪٽي نرمل سارنگا جي ڪجلين نهارن جهڙا ڇانورا لفظ جڏهن پاٽمرادو ضمير ۽ دل جي سنڌ ۾ گلابن جيئن ڦٽندا ۽ ٽڙندا آهن تڏهن ئي اهي موزون شاعري جون اوجاڳيل اڱريون دنيا جي لڳ ڀڳ هر موضوع جي وارن ۾ وڇڙيون آهن. باهہ جي ڄڀي هجي تاتهڪ جي مُڪڙي هجي، حُسن جي جهاتي هجي يا مزدور جي اُداسي هجي. شاعري هميشہ اُن کي دل سان پنهنجو ڪيو آهي. ڪمال تہ اِهو آهي جو پيار جا ڪيئي مٺا درياهہ ۽ درد جا انيڪ کارا سمنڊ ڀِي وڃڻ کان پوءِ بہ شاعري جي ڪڏهن بہ اُڃ ناهي لٿي! شاعري ڄڻ تہ زمين جو بيقرار روح آهي! ائين بہ چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ناهي تہ شاعري ايئر ڪنڊيشن گاڏي جي ڪارن شيشن پويان ڪيل ڪو سفر ناهي، پر جواڻ گهوڙي جي اگهاڙي پُٺيءَ تي سفر جو نالو شاعري آهي! اهو سچ آهي تہ شاعري ويساهن جي روشني آهي! شاعري خوابن جي اميد جي خالق آهي! سگهاري ۽ سون جهڙي شاعري هميشہ عظيم خوابن ۽ اٽموٽ آدريشن کي جنم ڏيندي آهي تڏهن ئي تہ چلي جي عظيم شاعر پئبلو نردا نوبل ماڻڻ وقت پنهنجي تقرير ۾ هي محبوب لفظ اُچاريا هئا تہ: ”اها اسان جي ذميواري آهي تہ اسين انهن خوابن کي جاڳائي ساپيا ڏيون جيڪي دنيا جي قديم تهذيب جي آثارن ۽ پٿرن ۾ دفن ٿيل آهن، اُهي خواب جيڪي مٽي اندر يا گهاٽي جهنگ ۾ ٻُوساٽيل آهن!“ مون کي چانڊوڪي جهڙو يقين آهي تہ جڏهن نرودا اهي لفظ اظهاريا هوندا تڏهن هُن جي ذهن ۾ مصر جي اهرامن، الورا جي غارن، بابل جي ديوارن سان گڏ پڪ سان موئن جو دڙو بہ موجود هوندو! هُن جي تصور ۾ مصر جي ممين سان گڏ اها نتڪي ڇوڪريءَ ضرور نچي هوندي

نچي هوندي جنهن ڪڏهن سنڌ جي هوائن ۾ سُتي ڪو اجرڪ جهڙو عظيم خواب ڏٺو هوندو! تڏهن سنڌ جي ڪنوارين اکين جا قرب شاعري جو سبب بڻيا هوندا! مون ڪي فخر آهي ان عظيم ماءُ ڌرتي تي، مون ۾ منهنجي دل اکيون ڪوليون آهن! منهنجي احساسن جو اهو سرمايو املهه آهي ته اُن محبوب ڌرتي جي مٽي مون ڪي اظهار لاءِ ڪجهه لفظ ڏنا آهن! منهنجي آڳرين هن مٽي جي ڪن خوابن سان پيار ڪري پنهنجي اظهار ۾ عشق ڪي پڌرو ڪرڻ جي بس هڪڙي ننڍڙي ڪوشش ڪئي آهي! اها ڪوشش منهنجي ضمير جو آواز آهي. آئون هن ڀرتي جي وڏي درد جو ننڍڙو نوحاگر آهيان، ڇو جو جرنيل هوشو جي اکين سان آخري پيرو نهاريل سنڌ منهنجي عشق، منهنجي روح ۾ منهنجي دل جي ماءُ آهي! مون محسوس ائين ڪيو آهي ته روشني ڪُنل انسانن جي رَت ۾ ڪري پئي آهي، ۾ عشق اُن روشني جي جسم تان رَت ڌوئڻ جي جستجو ۾ رڌل آهي! دل کي ائين به لڳي ٿو ته پٿرن هيٺ اچي ويل خوابن کي ڇڪي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ عشق ۾ شاعري کي ڪو ڪردار ضرور ڪرڻو آهي.

الميو اهو آهي ته هي آرٽسٽ دوست معاشرو هئڻ جي باوجود اوپرائي جو احساس ڏياريندڙ آهي، ان جو سبب اهي سازشون آهن جيڪي پنهنجي مفادن لاءِ سرگرم آهن!

هتي روز تماشن جي آڏو بيهڻو پئجي ويجي ٿو، وحشتن جا ڪانگ اسان جي سيني مان دل ڪڍڻ لاءِ جهاوا هڻندا رهن ٿا!

پريتمو! مائون جڏهن ڪنوارن پٽن جي لاشن جي مُنهن تي موڙ ٻڌي ٽڏي ٽِپي ويل هٿن تي ميندي مکين ٿيون تڏهن اسان جو وجد ٻيرن جي ڍينگهرن تي ٻڌي ڪنڊن سان سٽجي ويجي ٿو! سسئي اوجاڳن جهڙي اڪيلائي جڏهن اهو احساس ڏياري ٿي ته اسان تاريخي قلعا ڪليمن جي ڏن تي روئندڙ آهن، تڏهن تصور ڪاري ڇاڻ جي تپش ۾ ڌراڙن جي اکين جي بيقراري ٽِپي وڃن ٿا! اها وياڪلتا دل جي شاعري آهي! سانحن کي شاعري جي سٽن ۾ سرجڻ واري عمل کي جيڪڏهن ڪو لفاظي يا نعريبازي جو نالو ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته سوچ جي ان ڇسائي تي صرف ماتم ئي ڪري سگهجي ٿو! شاعري رڳو چنڊ جي چانڊاڻ ناهي، چنڊ جي نه هجڻ کان پوءِ ڏيئي جي روشني به ته شاعري آهي! ذهني اذيت جي بيابانن ۾ محبوبيت جي بيقرار بارشن جي ڦُڙينمان جيڪو به احساس جو رنگ مون کي مليو آهي مون اُهو جيئن جو تيئن ان شاعري جي اکين ۾ آڻي رکيو آهي جنهن سان منهنجو نينهن اٽڪيل

آهي! اهو عشق مون لاءِ آڪسيجن آهي! انسانيت ۽ عشق جا اڻ کُٽ دشمن آهن جن فتني بازن جي منهن تي ڏوڙ وجهڻ لاءِ شاعري جا هٿ سرگرم رکڻ جي تمنا ان ڪري به جاڳي ٿي، ڇو جو اها تمنا انسانيت جي خواب جي بقا جي ڪوشش محسوس ٿئي ٿي.
سچ اهو آهي ته منهنجو ننڍڙو وجود سنڌ جي محبوب ماڻهن جي محبتن جو قرضي آهي. انهن محبتن منهنجي دل کي جاڳندو رهڻ جو سنيهو ڏنو آهي. انهن قربتن مان مون اهو ڄاتو آهي ته شاعري، انسان ۽ عشق جي تقدس جي موسم آهي! شاعري نانگ جي ننڊ ناهي، شاعري جوڳيءَ جي جاڳ آهي!

**ايوب کوسو**

جهڏو

جولاءِ 2012ع

پتو:

ٽپال گهر جهُڏو

ضلعو ميرپورخاص، سنڌ

***

زماني ٻُت رقبت جا پٿر وانگي گهڙيا آهن،
اسان ڪنهن پيار جا پيرا خزائن ۾ ڪنيا آهن.

وڃي ڪو خواب وارن جي ويڙهوٽي ۾ لِڪو آهي!
ٽِڙي احساس ٽيڙو ٽي انڌيرن ۾ ٻريا آهن.

دغا جي بوءِ رستن تي اُڀي آ پاڳلن وانگي،
حُسن جا غم هوائن ۾ ڪفن پائي ڳنڍيا آهن!

هتي هر پل تماشن جو يزيدي روح جاڳي ٿو
حُسيني حوصلن وانگي وڇن اُڃ ۾ وڙهيا آهن!

ڪچا جوڀن اُداسي ڏس، رڙن ٿا ماٺ جي هنج ۾،
ڊنل ٻاڙهين اکين تي هُل رکيا ٻاڙها اَکيا آهن.

مندر ۾ گهِنڊ آ گونجيو ممبر تان ٻانگ آ اُڀري،
اسان ڇهرا گلابن جا فجر ويلي پڙهيا آهن!

***

برسات جي رِم جهِم ۾ مُرڪيو تو وري آهي،
اچرج ۾ اچي وِڃ ڪا ڪاچي تي ڪِري آهي!

محبوب جواني جا اسرار عجيب آهن،
سُرمي سان ڏِسي توکي موسم هِي ڦِري آهي!

اوير مان اُڻيل سُخي پانيان ٿو ائين جانُم،
ميندي ۾ رتل تنهنجي هٿ جي ته تِري آهي.

زلفن کي چنڊين تِي ٿُون پئونرا تا پِريو پُلجن،
چُوڙين کي ٻُڌڻ لاءِ سانجهي وئي هِري آهي!

سارين کان چُني تُنهنجي احوال پُڇيا آهن،
پنيور تان ويراني ڪيڏي تِي پِري آهي!

مان ڏياج جي ڏرتي جو ڪو عشق نئون آهيان،
اي حُسن هلي آ تون هٿ تي پئي سِري آهي!

***

ڪڏهن انڪار لکرايو ڪڏهن اقرار لکرايو
قسم سنڌوءَ ڪنارن جو اسان ڪان پيار لکرايو

نظم نِڪتا نهارن مان غزل اُپريا ادائن مان،
ستارا شاهديون آهن حُسن هر بار لکرايو.

نشيلا پير گهاٽن تي هٿيلي لوڙ هٿڙن جي،
ڪڪوريل ڪائناتن جي ٽڏي مهڪار لِکرايو.

ڳُنن جي ڳنڍ هر ڪنهن ۾ هُئا نڙ لفظ ڪئين قابو،
کُليا جيئن زلف هِن ڪارا عجب اسرار لکرايو.

ڪڏهن ڦُلڙي لٽي ڪائي، ڪڏهن ڪو تِلڪ گهايو ويو،
قتل گاهن جي رستي تي سُتل ماٺار لکرايو.

کلڻ پيي خوف ۾ ويڙهيل ملڻ جو عيوضو گولي،
تتل بيحس زماني جي ڏتل هر گار لکرايو.

سڙن پيا خواب ڳوٺن جا سُتا ناهيون اکيون ٻوٽي،
شهيدن جي نئين رَت جي نئين هبڪار لکرايو.

مياٽي پوڳ ڪو ناهي ڪهاٽي آ گلابن جي،
سنڌوءَ لاءِ اجرڪون اُجڙيون اُنهن جي سار لکرايو.

اسان مٽي جا ڪي ماڻهو اسان ڌرتي جي دل ڄاڻون،
اسان کي عاشقي ڳوهيو صدين جي ڇا لکرايو.

***

# اڙي دل مارجي وينديءَ!

جهنگن جو ديس آ جانم!
دلين ۾ توه تا ٿهڪن،
اکين مان جُوءِ تِي اُپري!
چُمين جا ڪنڊ تا ڪپجن!
گلن جا جسم ٽُون ڳاڙها،
حُسن جا ٿهڪ تِي سمجهين!
جواڻين جي پيشانين جا،
ستارا تِلڪ تِي سمجهين!
لڳي تو ٻارجي ويندينءَ!
هِتي آ وقت جو ماتم!
بهارون پوءِ بہ تي ڳولين!
آهيڙي گهات ۾ آهن،
اُڏارون پوءِ بہ تي ڳولين!
هٿن سان باھ تِي اوڍين!
مُحبت مُشڪ تِي سمجهين!
ڪنڊن کي ڪونہ تِي ليکين،
حياتي عشق تِي سمجهين!
زهر ۾ ڳارجي ويندينءِ،
اڙي دل مارجي ويندينءِ!

***

درد وڌي ويا پر جذبن جي دل نہ ڇڏي مونجهارن ۾،
اونداهي سان اٽڪي پياسين عشق ڪٽي اظهار ۾.

چنڊ چون ٿا ناهي اُڀريو رَت ۾ ٻاڙهي رات ڏسي،
پنڌ ڪريون ٿا پوءِ بہ پرھ لئہ شامل ٿِي وڻجارن ۾.

هيل ڏنارن جون بہ زبانون ڪاتين جون هِن ڪاج ٿيون،
روح اُجايل سينڌُن جا اڄ پٽڪن ٿا ويچارن ۾.

ننگ وڪاڻا، دنگ وڪاڻا، ڪارونجهر جا انگ وڪاڻا،
ڪينجهر آهن نوحا ڳاتا ڪنول ٻُڏا ڪيڏارن ۾.

سَرتي سنڌڙي سڌ ڪيو انڪار ڪيون ڪافر ٻڻجون،
شامل رَت ٿئي شل هِي پنهنجو مٽيءَ جي مهڪارن ۾.

وڻ وڻ چيري مڪڙيون جوڙيون حيرت ۾ مهراڻ ٻُڏي،
پل تہ ڪنڌين تي سُهٽيون سوچين نڪتا ڪير هِي پارن ۾؟

سُمل ٿُنهنجا نيڻ اُباڻا، ٿر جي جهڻ آ سينڌ سڙي،
ڳجلاسر جو سپنو آهين ٻوڙ نہ دل ماتارن ۾!

***

حُسن ڪي ديوانگي ٻُولڻ وئي،
خواب آهي عاشقي ٻُولڻ وئي.

ڏُوڙ جهڙو دؤر جو آهي مزاج!
پاڻ ڪي آ چاندني ٻُولڻ وئي.

برپٽن ۾ من ڪٿي گڏجي وڃي،
روح پنهنجو دوستي ٻُولڻ وئي!

وقت ڪان پيو لاش محبت جو سڙي،
ڪفن ڪي لاوارثي ٻُولڻ وئي.

ڪنهن هوا ڪي لُڙڪ هِي تازا ڏِنا؟
راز آهي بيخودي ٻُولڻ وئي!

رهزني ڏس ٻاٽ سان پرٽو ڪيو،
زندگي آ روشني ٻُولڻ وئي.

پُور اوڊي بارشون آهن وَريون،
سُر ڪيئي شاعري ٻُولڻ وئي!

❊❊❊

احساس ڏُکيل آهن زخمن سان رڱيل آهيون،
صدمن جي صليبن تي هر وقت ٽنگيل آهيون.

خاموش هوا ايڏي ڇُوڙيون بہ نٿيون جاڳن،
مغرور انڌيرن ۾ سڀ پاڻ ونگيل آهيون.

سئو نانگ لتاڙياسين پر ڪنهن نہ ڪکيو آهي،
بي شرم غدارن جا ڏس پاڻ ڏنگيل آهيون.

دوکن جون مُندون اڪثر ٿيون خواب وجن ڇاڻي،
ڇهرن جي نوازش آ پن ڇڻ سان مڱيل آهيون.

هر پهر تماشو ٿِي پئي پونءِ سڄي لُتجي،
ڇا عشق مري ويو آ يا پاڻ زنگيل آهيون؟

ٻيو ڪو بہ نئون نالو لکبو نہ ٻُڏي ڇڏ تون،
سنڌ ماءُ جي نالي سان پٽر جيئن دنگيل آهيون!

***

# اڻ ٽڙيل ڪنول جي نانءُ

ڏٺو نہ رنگ آ ڪڏهن حَسين تو ڪنهن خواب جو
تڏهن نہ توتان آ لٿو اڃا نشو حجاب جو.

اڃا تہ دل اٿئي ڪچي اڃا نہ تو ۾ رڻ ٻريو
اڃا تہ آهين اڻلکيل نظم تون ڪنهن ڪتاب جو.

اڃا تہ حُسن اَڻ ڏُريو رکين ٿِي تون وجود ۾،
اڃا تہ ڪيئي آرسيون ڏسين ٿِي تون غُرور ۾.

اڃا متي تي موسمون لڳن ٿيون توکي بي مُلهيون،
اڃا تہ پنهنجي ذات جي رهين ٿِي تون سُرور ۾.

اڃا نہ تنهنجي جاڳ کي خُمار جي وِڇُون ڏَنگيو
زماني جي رواج جا تڏهن تہ طرف ٿِي ڪٽين.

اڃا نہ تنهنجي ماٿ کي آ درد جي ڪکر ٻڪيو
وفا جون تون مسافريون تڏهن ٿِي بي بقا چوين!

پيرم جي باک جو وطن اڃا تہ تو گهُميو نہ آ،
اڃايا ٿهڪ اڻ ڳٽيا ائين نہ ڏي تون عشق تي.

ڪڏي آ خود کي خول مان ڇلن جا ڳل ڇُهي تہ ڏِس،
جهان آ بنهہ وڏو اڃا تو ڪُجهہ ڏِٺو نہ آ!

نظر جي قرب جو ڪجل ڪڏهن ڪٿي وٺي بہ ڏس!
ڪڏهن ڪنهن لڙڪ جي ڪٽي زبان سان چکي بہ ڏِس!

اگهاڙا پير تون ڪڏهن سماج تي رکي بہ ڏس!
وڏو آ عرش عشق جو ڪڏهن اُتي اُڏي تہ ڏِس!

اکيون ندين ڪان هِن وڏيون تَري تہ ڏس ٻُڏي تہ ڏس!
ڪڏهن ڪنهن دل جي لام تي پکي جيان لُڏي تہ ڏِس!

هي باهہ جو جهان آ حُسن سان تون ڳُڏي تہ ڏِس!
پتو پَوَئي تہ پيار جي پکين جو ڇاهي فلسفو!

ضمير ڇاهي ياد جو جمال ڇاهي آس جو
اسان کي پوءِ ٻڌاءِ تون دلين جو ڇاهي سلسلو.

هِي مُرڪ جو آمرحلو يا درد جو آ زلزلو؟
اسان کي پوءِ ٻڌاءِ تون اسان کي پوءِ ٻڌاءِ تون!

***

# جڏهن بہ تنهنجو خيال آيو!

جڏهن بہ تُنهنجو خيال آيو
ائين لڳو جهڙ قرار اُپريا،
هوا ۾ ناسي نقاب اُڏريا،
ڪڪر خُماريا سِنڌو نهاريو
فجر ۾ جهڙ ڪِن پکين پُڪاريو
اُڏي ڪي هُوتل ڪيو اشارو،
نتي مٿان ڄڻ ڪِرِيو سِتارو!
جڏهن بہ تنهنجو خيال آيو
ائين لڳو ڄڻ ڪُنوار مُرڪي!
ٻَچِي جي رڻ ۾ بهار مُرڪِي!
اُڏيون ڪويليون مياڻي پُٽڪيو!
ٻنيور جي ڄڻ جواڻي پُٽڪيو!
ڪچين اکين ۾ حجاب جاڳيو
ٻچي ڪو آرس شباب جاڳيو!
ڪُنوارِي چِڳُ ڄڻ ڇُهي ويو ٿوهر،
هوا تي جهُومي پوي جيئن ڪينجهر،
ائين رڳُن ۾ آ چال آيو!
جڏهن بہ تُنهنجو خيال آيو
ائين لڳو ڄڻ رُنل رُتن ۾،
اکيون صدين کان سُتيون ٿي ناهن!
هينئن تان ڪُونجون اُٿيون ٿي ناهن!
قسم آ تُنهنجو ائين لڳو ڄڻ،
جُدائي ڪي ٻي جمال آهي!
محبتن ڪي زوال ناهي!!

***

گهڙيون اڪثر شبابن ڏي رڳو هِن تياس تِي آيون،
رُتون جيڪي به هِت آيون غضب جي پياس تِي آيون!

اسان قيدين جيان پل پل عذابن ۾ گُذاريو آ،
اسان ڏي ڪو نه چانڊڪيون ڪڏهن احساس تِي آيون!

چُميو هو ڪو نه ڪنهن ٿوهر نهاريو ڪو نه ڪنهن تاري،
چڳُون تنهن لئه اُداسي جون اسان ڏي آس تِي آيون!

ڪٽي ويون مُشڪ سينڌن ۾ وڏو هو ناز تهڪن جو،
شهر مان ڳوٺ جون مُکڙيون نپوڙيل ماس تِي آيون!

اِهو دل معجزو آهي لٿو آ چنڊ ڇاتي تي،
حجابن جون ڦُٽيون نگاهون واس تِي آيون!

***

# ڏيهه جا ڏيئا انڌا!

حالتون ايڏيون صنم آهن انڌيون،
جو جيئڻ پڻ معجزو ٿو ڪو لڳي!
دوزخن جڻ آرسُن آهن پڳيون!
ڪونهِ ٿي ڪنهن خواب ڪي ميندي رڱي!
ديس جو ٿِي واءُ ويو آهي انڌو!
وقت هاريل جنگ جو ميدان جڻ،
حُسن هاٽي آجپي لئہ پيو رڙي،
عشق سان ورتاءُ ٿيو آهي انڌو!
هر ڇُمي وٽ درد جو آهي ڪفن!
ڏُوڙ ۾ ٿيا چانورا آهن انڌا!
ڏس پکين جي شام ۾ ناهي نگر،
پن ڇڻي پٽ تي ڪِريا آهن انڌا!
ڪُڙڪيتا ويا هِتان آهن لَڏي،
گُل بهارن سپ ڇٽيا آهن انڌا!
هر گهڙي ڪنهن باهہ جي آهي ڇِپي!
دلبرين جا آسرا آهن انڌا!
محبتن جا نيڻ مرثيا ٿا لڳن،
چا ٻُچايون سانحا آهن انڌا!
روز ٿو احساس جو جوڀن سڙي،
روز رولي ماٿ ٿِي ڳوڙها انڌا!
ڪونهِ ٿو ياڪر ڪٿي غم ڪي مِلي،
بي مهل ٽِڙندا وتن سُڏڪا انڌا!
دلربا خوشبو هلي وئي آ پري،
حسرتن ڪي پيا ڇُپين ڪاوا انڌا!
هاڻ پيا اتهاس اوندهہ ۾ لِڪون،
ڏيهہ جا ٿِي ويا آهن ڏيئا انڌا!

***

# رابيلن جي رُت کان اڳ ۾ !

سُقراطن سان قيب رکيو هو
احساسن کي زهر مليو هو
ڳُنوارين جهڙا خواب ڪنيا ها،
کهاڙين جهڙو شهر مليو هو!
بد پل کو تندور ٻٽيو هو
هر پل کو تندور ٻٽيو هو
دل جي تنهائي جي بُت مان،
سرمد وانگي خون ٻڙيو هو!
ڪاري رُت کي سُرِاهو آ،
سُج ۾ تنهنجو واس ٽِڙيو هو
بادل اوڍي آئي هُئين تون،
غم کي تنهنجي مُرڪ ٽڙيو هو!
ڪيئي راتيون ڪاريون آيون،
عشق نہ پوبان پير ڏريو هو
چانڊوڪين جا زلف چُميا ها،
تارن دل تي ديپ رکيو هو
اوجاگن جا رنگ نوان ها،
دردن دل جو ڳوٹ چڏيو هو.
زخمن ڍِڪجي ننڊ ڪئي هئي،
مُرڪ گلن کان رقص سکيو هو.
ها پر جڳ کي روح ڪٿي هو
ڏک تي پنهنجو پنڌ کُٿو هو!
رابيلن جي رُت کان اڳ ۾،
تُنهنجو منهنجو ساٿ تُٿو هو!

***

مخمور ستارن ڇرڪ ڀريو آڌيءَ جي اکين مان نُور اُٿيو،
خاموش نگر ۾ چنڊ ڪِڙيو مون سمجهيو ڄڻ منصُور اُٿيو!

جنهن جنهن بہ سڄيءَ جي تات مُئي يا ڪنهن بہ پڪيءَ جي لات مُئي!
هِن دل ڪي آهي درد ٻڪيو هِن سيني ۾ ناسُور اُٿيو!

ڪُجهہ رنگ اُڏاڻا هوليءَ جا، ڪُجهہ ڳج جي چمڪن ٿهڪ ڏنا،
تون ياد پئين، تون ياد پئين آ سانجهي جهڙو پُور اُٿيو!

اڄ، خاموشي تي آهہ ڀري، ڏس ڪيڏي آهي ماڪ ڇٽي،
اڄ آرس موڙي ٻي وقتو ڪو غم آهي مغرور اُٿيو!

اي سج ٻچن ڪي آٿت ڏي، اي وقت ڀڳل هِي ڇُوڙيون ڪڻ!
ڪلهہ جنهن پئي اونها ساهہ کنيا سو ناهي اڄ مزدور اُٿيو!

ٿُون چا بہ چوين، ٿُون چا بہ چوين پر وقت نہ ڪنهن جو ٻادي آ،
تبديل هوائون ٿِي ويندين جي ماڻهو هر مجبور اُٿيو!

***

ڪنول مُرڪون لتاڙيون ويون غزل احساس ماريا ويا!
اسان جي پيار جي پُٽ مان نوان خنجر گُذاريا ويا!

پرين هِي حادثو ناهي روايت آ ڪميڻپ جي،
دغا سان دلبريون ڇاڻي وفا جا شهر ٻاريا ويا!

خبر ناهي ڪٿان آئي مزاجن ۾ مُئل موسم،
ڪنڌن جي آجيان تِي وئي تڙيل موتيا، ڏِڪاريا ويا!

تِڙي ڪو ٿهڪ ڇا هاڻي ٻري پيو روح نگري جو،
روهيڙي جسم گولين سان هِتي آهن سُمهاريا ويا.

ٻُڏايو هو غلامي کي ڏيون نالو نئون ڪهڙو؟
اسان جا انگ چونڪين تي سدا آهن نهاريا ويا!

جڏهن فرصت ملي ٿوري تڏهن تاريخ هِي لِکجان
گلابي پير تاندڻ تان هِتي اڪثر گُذاريا ويا!

پڙهي ڏِس ڏُوڙ ڌرتي جي حقيقت ٻي نه ڪا آهي،
وريا طوفان تي آهن وچن جيڪي وِساريا ويا!

***

# پوءِ بہ جِي وياسين!

وريا ڀاڪر خزائن جا،
سُڪي ويا چيٽ چانئن جا،
ڇڻي ويون دلبريون نيريون،
ٻُڏي ويا ٻيٽ ٻانهَن جا،
پرھ مان سانجھہ ٿِي وياسين!
ڏِسين ٿو پوءِ بہ جِي وياسين!
رُلي احساس ٽاڙا ٿيا،
سڏن جا پير ڳاڙها ٿيا،
نگاهن ڦهر ڇلڪايو،
رڳن جا ڳوٺ ڪاڙها ٿيا!
زهر آيو سو پِي وياسين!
ڏِسين ٿو پوءِ بہ جِي وياسين.

گُلن کي رَت ڏئي پيتا،
رهي پيا زخم هيڪاندا،
متان ڏئي حُسن ڏوراپو،
ڇُمياسين روح سان ٽاندا،
صليبن تي چڙهي وياسين،
ڏِسين ٿو پوءِ بہ جِي وياسين!

***

ڪجليون ڪٽي نهارون ٻَر ۾ بهار آئي!
زلفن جي يادگيري بي اختيار آئي.

ڇائي ڇَنڊي ڇُڄڻ جي پنڇي پري اُڏاڻا،
آرس ڀڳو روهيڙن ڦُلڙين جي سار آئي!

احساس ويا اُجهامي آهي گهڙي ڇڻڻ جي،
تڙپي ڏنو ستارن هُوءَ اشڪبار آئي!

ڪيڏا انڌير آهن مُڪڙين تي پير آهن،
خاموش آهي نگري گُل گُل ڪي گار آئي!

ٻُوٽن جي روح مان ڇو دُونهون اجا اُٿي ٿو؟
مٽي وجهي مٽي ۾ سنڌ جي ميار آئي!

ڌرتي جو عشق آهي ناهي ڪڏهن به مرڻو!
مِٽي جي آ امرتا سنڌوءَ ڏي ڇار آئي!

ناهي اِها ڪهاڻي وِسري وڃي جا پل ۾،
ٿورو بنهه وڌو آ هُوءَ بار بار آئي!

***

# تون ناهين ڄڻ ڪُجهه ٻي ناهي!

اوجاڳن جون ٻانهُون دانهُون!
وٽڪارن جون چانئُون دانهُون!
جانُم هيل هوائون دانهُون!
تون ناهين ڄڻ ڪُجهه ٻي ناهي!

ڏرتي جي رُت ٿِي وئي مُڪڙيون،
اُڀ ساري تي چَمڪيون ڪنوٽيون،
ڪاري رات گهٽائُون دانهُون!
تون ناهين ڄڻ ڪُجهه ٻي ناهي!

ڪهڙي رڻ تي غم ھِي هاريان؟
ڪهڙي ڳپ تي دل ھِي ٺاريان؟
ٻرندڙ هيل وفائون دانهُون!
تون ناهين ڄڻ ڪُجهه ٻي ناهي!

ٻهراڙي جي ٻک ٻِر ناهين!
ڪنهن ٺاري جي اک ٻِر ناهين!
پُوري سنڌ پچائُون دانهُون!
تون ناهين ڄڻ ڪُجهه ٻي ناهي!

***

ڪونہ جهُڪيا ڪا مات قبولي!
ڪنڌ ڪُڏي پيا ڪات قبولي!

گهاوَ گلن جيئن شاهد آهن،
پير نہ بيٺا رات قبولي،

باهہ ڪنيائين پاند پڪيڙي!
عشق اجا ٻيو ڇا تہ قبولي؟

ٽر جون آسون ٿوهر ٿِي ويون،
سمنڊ ڇڏي برسات قبولي!

تارن هيٺان تڙپي آ دل،
جانم تنهنجي تات قبولي.

شعر گهڙڻ ڪو اوکو ناهي،
ڳالهہ اصل آ ذات قبولي!

***

# رڻ پٽ تِي وياسين!

غم نہ ڪيو آزاد تہ رِڻ تِي وياسين!
آئي تنهنجي ياد تہ رِڻ پٽ تِي وياسين!

وقت ڏني آ ويراني هِي تحفي ۾،
خون تِمي ٿو الڪن جو ڏس رستي ۾،
اُڄ رڳو ڪنهن دوزخ جهڙي آ ساڙيو،
ڪجهہ نہ مليو آ راتين جي هِن پهري ۾،
پل پل ٿيو برباد تہ رِڻ پٽ تِي وياسين!

ڪيڏي پَڪڙي هَر ڏِس آ پيلاڻ وئي،
پاڻ ڇڏائي گُل گُل کان سرهاڻ وئي!
پُلجي خوابن آرس ناهي ڪِٿ موڙي،
راحت دل کان ايڏو تِي اڻ ڄاڻ وئي!
ماٺ لڳي فرياد تہ رِڻ پٽ تِي وياسين!
آئي تنهنجي ياد تہ رِڻ پٽ وياسين!

چنڊ اجان پيي اوجهل آهي ڇا چئجي!
رستو رستو مقتل آهي ڇا چئجي!
عشق ٻَرڻ جي موسم آهي ڄاڻون ٿا،
ٽانڊن جهڙو هرپل آهي ڇا چئجي!
روح ٿيو بغداد تہ رِڻ پٽ تِي وياسين!
آئي تنهنجي ياد تہ رِڻ پٽ تِي وياسين!

***

# چاهيان ٿو مان!

خوشبو وانگي وکرڻ چاهيان ٿو مان،
خاموشي جي رڻ مان نڪرڻ چاهيان ٿو مان!

ڪتبو ناهيان ڳوڙهو آهيان اُلڪو آهيان،
پرندڙ چڻ اتهاس جو ڪوئي سُڏڪو آهيان.
اذيت جي هِن جار مان اُڏرڻ چاهيان ٿو مان!
خاموشي جي رڻ مان نڪرڻ چاهيان ٿو مان!

صُبح نرالو دفن انڌيرن هيٺان آهي!
امن وچايل ڌرتي پيرن هيٺان آهي!
سڏ سان سڏ تِي هاٺي اُپرڻ چاهيان ٿو مان!
خاموشي جي رڻ مان نڪرڻ چاهيان ٿو مان!

ٿوهر آهن، مقتل آهن، چائُئون ناهن،
دل جي حسرت لاءِ ڪي بہ پناهُون ناهن،
وحشي رُت سان ٻڪجي نيرڻ چاهيان ٿو مان!
خاموشي جي رڻ مان نڪرڻ چاهيان ٿو مان!

توڙي نرزو يا ڪاتي دل مان گذري،
توڙي صدمي جي ڪا جهاتي دل مان گذري،
مونجهارن جي من مان گذرڻ چاهيان ٿو مان!
خاموشي جي رڻ مان نڪرڻ چاهيان ٿو مان!

***

نيڻ هُن جا ڪٿي ڪُجهہ ٻُڌائين نٿا،
فاصلا ويڙهجي غم گهٽائين نٿا.

عشق جي وجد تي مات آهي لٿي،
چنڊ تارا بہ ڪنهن جو سڏائين نٿا.

وقت سڀ آڱريون چڙ تہ ساڙي ڇڏيون،
روح ٻرندڙ ڪٿي ڪي اُجهائين نٿا.

پاڻ ڪنهن کي چئون وقت رَت ۾ ٻُڏو،
خواب ڇا، ڪي پکي هاڻ ڳائين نٿا.

دلبرين جو مرڻ حادثو آ وڏو،
سُور سُورج اچي پيا سُڪائين نٿا!

پنهنجي اُلڪن اچا ننڊ ناهي ڪئي،
چنڊ ڇهرا گرهڻ کا هَٽائين نٿا!

***

مَٽيو وڃن مَٽيو وڃن، جِتان ڪِٿان ڦَٽيو وڃن!
اڪيون تہ ڪي عقاب هِن جهَٽن سان دل جهَٽيو وڃن!

اِها نہ ڳالهہ ڪُوڙ آ، دغا جي مُنهن ۾ ڏُوڙ آ،
ڏِسي گلاب صُورتون هينئين تان غم هَٽيو وڃن.

ملڻ جا پل بهار جي مزاج جيئن حَسين هِن،
پرين بنا تہ موسمون سَٿون ڏيو سَٽيو وڃن.

ڪُهن ٿيون بي حجاب ٿِي اُداس راتڙيون رَتل،
وراڪا ڏئي اُتاولا وڇوڙا ٿا لَٽيو وڃن.

زماني جو رواج آ، ڪجي ڪجي ڪجي بہ ڇا!
ٽِڙڻ کان اڳ عداوتون گلن جا ڳل پَٽيو وڃن.

گهَڙي گهڙِي جي هِي ڳَڙي ننڊي نہ ڳالهہ آ وڏي،
اُميد جي خُمار تي صدين جا پل ڳَٽيو وڃن.

عجيب ڪجي ڇو دلبرو جفا بہ هڪڙي راند آ،
وفا اڏ ڪُنو ڪري ڪي چاهتون گهَٽيو وڃن!

❊❊❊

# اي مِٽي ٻُڏي ڇڏ!

هِي ڌرتي نہ جنهن مان کُٽي دلربائي،
هِي وڻ وڻ نہ جنهن مان ڦُٽي بيوفائي،
هِي رستا نہ جن تي ٿيو عشق پوڙهو،
هِي واٽون نہ جن تي سُتي اوپرائي،
ڪو وحشي اِنهن کي وساري سگهي ٿو،
مُنافق ئي تِن کي ڏِڪاري سگهي ٿو!
عذابن جا سينا، ڪٺائون صدين جون،
شهيدن جا رُتبا، صدائون اکين جون،
حَسينن جون نظرون، ادائون سڀين جون،
رُتن جا سنيها، دُعائون پکين جون!
ڪو رهزن اُنهن کي لُٽائي سگهي ٿو.
ڪو سنگدل اُنهن کي کپائي سگهي ٿو!
ڪو منحوس تِن کي اُجهائي سگهي ٿو!
اُنهن جي سو قيمت اڳائي سگهي ٿو!
نہ جنهن جي رڳُن ۾ رهي ٿَڃُ آهي!
صفا جنهن جا جذبا رهيا هيچ آهن!
نہ جنهن جي هينئين تي لَٺو چنڊ آهي!
اُهوئي اِنهن کي وڃائي سگهي ٿو!
پلي پيو اُهو پاڻ کي ڪُجهہ سَڏائي،
پلي پيو اُهو ناهہ ڪيڏا بہ ٺاهي!
ٻُڏي ڇڏ، ٻُڏي ڇڏ، اي مِٽي ٻُڏي ڇَڏ!
اسان جو سو ناهي، اسان مان سو ناهي!

***

# ڪڙيل تاري پڙاڏيو!

درد کي کهڙي همٿ جو ڏڳ جهَلي،
پيار هُن جو ڇانءُ جيئن آهي مٿان،
هُوءَ رَهي ٿِي مُرڪندي منهنجي اندر،
مان رهان ٿو جاڳيندو سِنڌوءَ جيان!
ٿوهر جو ڪير ٿو امرت لڳي،
دل چُمي جي روح ڪان آهي سِڪيو!
پن ڇڻن ٿا، ٿو لڳي هُوءَ آ رُني،
گُل ٽِڙن ٿا، ڄڻ تہ هُن آهي کِليو!
وقت لاءِ حيرتُون هُن جو هَلڻ،
ها، نسور مُحبتون هُن جو ملڻ،
قافلن ڪان درد ٿو وِسريو وڃي،
ڄڻ گُلابي راحتون هُن جو ڏسڻ!
”موسمن جي مُرڪ آهي ڪا نئين!“
ڪنهن ڪِڙيل تاري پڙاڏيو آ اِهو
”حسرتن جي حُسن جي آ انتها!“
سچ اوپر مان اُتي آهي ڇيو!
سنڌ، هُن جا نيڻ ڄڻ تنهنجا صُبح،
وقت ڄاڻي ٿو وفا جي ڇيچ آ،
رات کي ڇئو هُن مٿان پهرو نہ ڏي!
هُوءَ اُجايل ڪاسبي جو ڳيچ آ!

***

# ڇيريون ڇمڪن ڇوليون ٿِي!

ڪا وڄ اُڀي ٿِئي ڳَرڪي سان،
ڪو مَچ ڇتائي پڙڪي سان،
ڪا جوت نهاري ٿِمڪي سان،
ڪا ڇٽنگ نَچي پَئي ڇمڪي سان.
جنهن ديس ٿئي جنهن هنڌ ٿِئي!
بي شرم غلامي بند ٿِئي!
شل اونداهيءَ کي موت اچي!

کي ڇيريون ڇَمڪن ڇوليون ٿِي،
کي ڇُڙيون ڇَمڪن ٻوليون ٿِي،
کي لفظ اڏامن گوليون ٿي،
کي مُرليون جاڳن لوليون ٿِي.
جنهن ڀُونءِ ٿِئي، جنهن هنڌ ٿِئي!
آواز نئين ڪا تَند ٿِئي!
شل خاموشي کي موت اچي!

نئين باک مٿيءَ تي پير ڪڍي،
نئون واس گلن سان گڏ اچي.
مظلوم اُداسيءَ کي ڇوڙي،
نئين آزاديءَ جو سڏ اچي.
جنهن ماڳ ٿئي، جنهن هنڌ ٿئي،
انسان جو اوچو ڪنڌ ٿئي!
شل ياڙيائي کي موت اچي!

***

ادائن سان دل کي جَھٽيو آزمائين.
نظر کي نظر سان ڦَٽيو آزمائين.

لڳي ٿو تہ چنڊ جو آهي روح تو ۾،
وڏيو آزمائين، گھٽيو آزمائين!

عجيب امتحانن جي آهين کهاڻي،
نگاهن کان پَرتي هَٽيو آزمائين!

اِهي ذلف اُڏرن تہ جهومي سُهائي،
چڳُون اڱرين سان وَٽيو آزمائين!

سندو هوش تارن اِجهو جڻ وڃايو
غضب جون ٿِي مُرڪون ڇَٽيو آزمائين.

اجا روپ آهن ڏسڻ لئہ هزارين،
زماني کان من کي ڪَٽيو آزمائين.

گُلابن جي خوشبو تي سوچيان يا توتي؟
گُلن جي گھٽين مان مَٽيو آزمائين!

***

اڳي ئي غم هِن ڪروڙ مون ۾،
نوان تون صدما نہ چوڙ مون ۾.

عجيب قهر جي نہ ٽِي کهاٽي،
نظر جو خنجر نہ کوڙ مون ۾.

ڇڏي ڏي پنهنجو وجود ميڙيان!
نئين ڪا آرس نہ موڙ مون ۾.

ڇَري ڏڪن سان پريو پيو آهيان،
هٿن جون ڇُوڙيون نہ ٽور مون ۾.

نهار آهين خزان ٿي ويندين ۾،
اچي آڪيرو نہ جوڙ مون ۾.

غضب جون يادون ڇٽيون پيون آهن،
اچي ڪڏهن ڏِس اروڙ مون ۾!

❊❊❊

# ڪجلي هِت ڪيڏارا آهن!

ڪيئن ايندينءَ، پل ڪارا آهن!
ڪَجلِي هِت ڪيڏارا آهن!

تنهنجو تَن سنگمرمر جهڙو،
هِت رستن ۾ ڳوڙها آهن!
تون خوشبوءِ سان وار سنوارين،
هِت سڀ چوتا اٽيا آهن!
ڇا ڏسنديئنءِ، مونجهارا آهن،
ڪَجلِي هِت ڪيڏارا آهن!

هِت راتيون ٽيون رَت ۾ وهنجن،
ٻاٻيهن جي ٻولي سُڏڪي،
دل جهومڻ جي موسم ناهي،
سج هيڻان ٿِي هولِي سُڏڪي!
ڇا سڻنديئنءِ، اوسارا آهن!
ڪَجلِي هِت ڪيڏارا آهن!

رڻ جي چانڊوڪي آ اوکي،
ٻيو ڪو سپنو تاڻي ڇڏ تون!
ٿڪيل تاڻا تاندا آهن،
بهتر آ ضد ڇاڻي ڇڏ تون!
غم ٽيندينءِ غم ڪارا آهن!
ڪَجلِي هِت ڪيڏارا آهن!

***

# اُها سنڌ آهي اسان جون نهارون!

زمانن ڪان جنهن کي اُجاڙيو زليلن،
غدارين سان جنهن کي آ ساڙيو خبيثن،
زندانن ۾ جنهن کي آ واڙيو پليتن،
سدائين آ جنهن کي لتاڙيو غليظن،
رتو ڇاڻ جنهن جون رهيون هِن بهارون!
اُها سنڌ آهي اسان جون نِهارون!

ڪڏهن ديپ جنهن جا اُجهايا هوائن!
ڪڏهن ٻيچ جنهن جا دُکايا چِتائُن!
ڪڏهن اُرهه جنهن جا ڪپايا دغائُن،
ڪڏهن قُول جنهن جا سُڪايا خزائُن!
زنجيرن ۾ جنهن جون ڳتيون هِن ڇَمارون!
اها سنڌ آهي اسان جون نِهارون!

قهر جنهن تي رَت جي لِکي آ ڪهاڻي،
رهيو قيد جنهن جي آ سِنڌوءَ جو پاڻي،
صُبح جنهن جو ماتم، سمجها جنهن جي ساڻي،
فريبن سان جنهن جي آ خُوشبو وِڪاڻي،
سُتيون پر نہ جنهن جون ڪڏهن هِن پُڪارون!
اُها سنڌ آهي اسان جون نِهارون!

ڏسو جنهن جي جذبي آ مڪلي ڇَٽي هُو
ڏسو جنهن جي سپني آ ٿلتي ڇَٽي هُو.
ڏِسو جنهن جي رُتبي آ ٻاگهِي ڇَٽي هُو
ڏِسو جنهن جي دودي آ مَستي ڇَٽي هُو
ڏِسو جنهن تي صدمن جون آهن قطارون!
اُها سنڌ آهي اسان جون نِهارون!

***

اسان جي ٽيندينءِ سوال آهي، جواب ڏينءَ جي اُهو ڏَئي وڃ!
ڪڏهن نہ پل جو قرار اُپري، عذاب ڏينءَ جي اُهو ڏَئي وڃ!

اُپرندي سُورج اسان ڏنو آ، اُنهي جو رُتبو اندر ٿو چاڻي،
اسان جي آڏو ٻُلن تي اهڙو حجاب ڏينءَ جي اُهو ڏَئي وڃ!

وَسي پئي بارش عجب آ موسم اڱڻ ۾ بيهي سَڄِي پِڃي وڃ“
چڳُن مان جيڪي ڦُڙا بہ نِڪرن شراب ڏينءَ جي اُهو ڏَئي وڃ!

گُلن ۾ جهاتي وجهڻ ٿا چاهيون، پره جو چهرو پڙهڻ ٿا چاهيون،
محبتن کي عظيم ڇَئي جو ڪتاب ڏينءَ جي اُهو ڏَئي وڃ!

زمين جو سُک گهڻو ڦِٽو آ، امن جي خُوشبو ڪپي ٿِي هاڻي،
هُجي صبح لئہ نئون نياپو، گلاب ڏينءَ جي اُهو ڏَئي وڃ!

ڪڏهن رُجن ۾ ٽُٽي نہ جيڪو، صليب تي پِي جهُڪي نہ جيڪو،
رُنل اکين کي ملير جهڙو ٽُون خواب ڏينءَ جي اُهو ڏَئي وڃ!

***

واءُ ڏئي ويو ڦيرا يارو!
جهوري ويو آکيرا يارو!

وقت اڪين سان خُوب نڀايو،
خواب ڪري ويو ميرا يارو!

دلڙي آهي آڳر ناهي،
لاهيو اُن تان پيرا يارو!

ڪي غم خلجي ڪي تاتارِي،
دل تي آهن گهيرا يارو!

سُونهن ڪَپي تِي روز ڪُهاڙي،
ميڙيان ويٺو بيرا يارو!

تنهائي جون چٽرون آهن،
جلد ڪريو ڪي پيرا يارو!

سنڌ امڙ جا ڄايا آهيون،
پنهنجا ڀاڱ ڀليرا يارو!

***

## زندگي ناهي سُتي!

هُر ڪُر نهارن جي ڏِسي ۽ لوڏ وارن جي ڏِسي،
ٻيرن ٻُڏايو رات کي، تارن سُٽايو تات کي،
ٿڪن گُھلڻ ناهي ڇڏيو پيرن رُلڻ ناهي ڇڏيو
سارنگ سُٽايو ماڻ کي وڻ وڻ ڇيو برسات کي،
ڪارو ڪفن اوڍي ڪٿي ڪا دلبري ناهي سُتي!
ناهي سُتي، ناهي سُتي، هِي زندگي ناهي سُتي!

توڙي ڪهاڙين آ ڪپيو ڦهري پُڄاڻن آ لَڪيو
ڪارين بندوقن آ ٻڪيو نانگن جيان نطرن ڳڪيو
ڏِس خواب نيرن کي ڪِٿي ڦاهي ڇُهي ناهي سَگهِي!
توڙي عذابن آس کي سنگهرون هٽي آهي ونگيو!
ناهي ڪڏهن پر ڏُوڙ ٿِي چاهت ڳُنواري ڪا ڪُٺي!
ناهي سُتي، ناهي سُتي، هِي زندگي ناهي سُتي!

ڏانتا ڪٽي ڪٽڪن جيان لُٽبي رهي آ بيوسي،
ڳاٽا ڪٽي لوڙهن مٿان لُڏندي رهي آ هر سَڳي!
ڳاڙهيون اکيون رستن ڏِسي ڪا شاعري آهي سِکي!
اُلڪا ڪٽي هر مُند ۾ ڪِلندي رهي آ عاشقي!
ڪاون مٿان هلندي ٻه دل ڇورين جيان ناهي ٽُٽي!
ناهي سُتي، ناهي سُتي، هِي زندگي ناهي سُتي!

ڪوئي ڪري پل خاطريون ناهن اُجهاٽيون آرسيون،
ديوار ڊاهڻ لئه رُڏل آهن هزارين آڱريون،
گهُمنديون رهن ٽيون نازمان گس گس گلابي چادريون!
توهر، ڪنڊا، ڪونيٽ چُمي ڳُڏنديون رهن ٽيون ڪامڻيون!

آهي هٿن اُن ڪري ڌرتي منجهان ميندي ڦُٽي!
ناهي سُتي، ناهي سُتي، هي زندگي ناهي سُتي!

***

# هِي درد جي نگري آ!

هِي درد نگري آ، هِت نيڻ رُنل آهن،
ڪئين خواب ڪُٺل آهن، آواز مُئل آهن!
ميندي جي اُداسي تي هٿ هٿ جي ترِي سوچي،
رابيل هِتي روئن، بي واس ڪنول آهن،
هِي درد جي نگري آ، هِت رات لٿل آهي.
ڪا مُرڪ نٿي جاڳي سپ گيت گهُٽيل آهن.
هِت ماٺ جي مستي آ، پئي ڏُوڙ رڳو ڌڙڪي،
هر چيچ ڪري ماتم، چلڙا ئي لُٽيل آهن!
هِي درد جي نگري آ، هِت هار نٿا جهُومن،
هِت جسم رڳو لُڇجن، هِت ٻار اجا وڪجن!
امڙين جا صُبح ڳوڙها، پيڙن جون اکيون شامون،
ڪِٿ زلفن پيا پَٽجن، ڪٿ ڳنڍ اجا ڳپجن!
هِي درد جي نگري آ، هِت پيار نٿو پَلجي!
اظهار جي مُکرين تي ڪاراڻ پئي مَلجي،
معصوم زبانن تي زخمن جا لَڏا آهن!
بي وقت جنازن تي ڪو جيءُ نٿو جهَلجي!
هِي درد جي نگري آ، يا لاش جي اڱڙي آ؟
ٻُڌ، رات اياڳي مان ڪا دانهن اچي ٿيي پَئي،
اُٿ، درد جي آڏي ۾ اواز ڏيون گڏجي!
اکڙين کي اُٿاري چئون هي ماٺ اٿئو ويري!
محبوب اُٿو جاڳو تاريخ سَڏي ٿِي پَئي!

***

ڏکيا وار کولي ائين ٿي کِلين،
زماني کي پٿر ڪيو ٿِي ڇڏين!

ستارن جون نظرون ٿيون توتي کُتن،
صدين جي اکين جو ٿِي سُرمو لڳين!

تِڙي روز رابيل توکي سَڏين،
ادائون اُلاريو تون ٺاريو وِجهين!

هوا کي خبر آ انهِي راز جي،
اشارن سان موسم خُماريو وڃين!

اُجي رات آهي، سيارو اَجهل،
ڇُمي چنڊ ڏيندءِ تون ڇو ٿِي ڏسين؟
اسان ليڙ آهيون اسان گهاءُ پيا،
ڪڏهن من اسان کي اکين سان سِبين!

حُسن معجزو آهي تُنهنجو وڏو،
اچا هوش ۾ ڪونہ آهيون اسين!

***

اکين جي درد سان وهنتل هوا محسوس ٿيندي آ.
رڻن جي روح مان نڪتل صدا محسوس ٿيندي آ.

ستارا هيڪلائي جي سَڏن سان ڪونہ ٿا ٻڪجن،
قبر ڪنهن ٻار جي تازي سنجا محسوس ٿيندي آ.

پٿر جي دؤر ۾ جانم جيئڻ پڻ ڪرشمو آهي،
ڪري جي ياد ڪو دل سان وفا محسوس ٿيندي آ.

اڃا آ سوڳ در در تي، اڃا آ ڏوڙ جي موسم،
اڃا ڏڳ ڏڳ مٿي ليٽيل دغا محسوس ٿيندي آ.

لڳي ٿو ڪجھہ وڃايل آ، تڏهن هِي رات ٿِي ڳولي،

اُداسي چنڊ کي اوچيل پُڇا محسوس ٿيندي آ.

وساريو تو صفا آهي، رُسي ويا رنگ سڀ آهن،
ڇُري اڪثر هينئين ۾ ڪا اڃا محسوس ٿيندي آ.

چوي ٿِي دل ڇري هاڻي وڃي ڏُور صحرا ڏي،
اويلي شور جي بارش سزا محسوس ٿيندي آ!

***

# ڇرڪ تي ويس!

ڏٺئي، تہ خيال تِي ڪِڙيس،
ڪِلئين تہ خواب تِي ويس.
مِلئين تہ مُرڪ تِي تِڙيس.
ڇُهيئي تہ غم ڪي پِي ويس.
ائين لٿئين شراب تِي،
رهيو نہ پوءِ حجاب ڪو،
پڙهيم تہ هِي پتو پيو
حُسن جو آن ڪتاب ڪو،
اکين، اکين کي ڪُجھہ چيو
اُڏي وئي ٻات ڏُوڙ تِي،
پُڇيئي تہ ڳيچُ تِي ڇُريس!
ٻُڌئي، تہ چنگ تِي ٻُريس!
عجيب بارشون ٿيون.
ترَي ٻڏس ٻُڏي تريس،
ڇُلئين تہ ڇرڪ تِي ويس.
اُٿئين تہ تات تِي اُٿيس،
هَلئين تہ روح ويو هليو
وئين تہ لُڙڪ تِي ويس!

***

# ٻگالهه صُبح جي زخمن جي!

هِي رات ٻُڪايل ڏائڻ آ،
هِي رات دغا جي جهولي آ،
پنجوڙا اجا هِن شينهَن تي،
آزادي چِٻُن جي ٻولي آ،
هِي رات کهاڙي جهڙي آ،
هر وقت ڳڀي ٿي سينن کي،
جڻ روح ڳدڙ ويا کائي هِن،
آواز نه آهي ويڙهن ۾،
جڻ چُوڙن کي آ باهه ٻکيو،
وئي روهيڙا سڀ ڏُوڙ ڪٽي!
جڻ دل دل تي آ وچ ڪِري!
اڄ اُلڪو اُلڪو آلو آ،
هِي درد گهُري ٿو پنڌ اجان!
ڏِس ماٺ اسان لئه قتل آ،
هِي سنڌ گهُري ٿِي ڪنڌ اجان!
تون سار بلاول هڏڙن کي،
ڪر سوچ اگهاڙن جسمن جي،
رک ياد ڀِتائي جون نظرون،
ڪر ٻگالهه صُبح جي زخمن جي!
تون سار اُنهن اٺموٺن کي،
جن چيٽن کي ويساهُ ڏنو،
جن دل ۾ ميڙي جاڳ رکي،
جن اُڄ ۾ وڙهندي ساهه ڏنو!
اڄ چنگ سمورا چُپ آهن.
جڻ ناهي جاڳيل چارڻ ڪو

جڏهن هٿ سڙي ويا ٽانڊن ۾،
اڄ ٻاريل ناهي ٻارڻ کي.
تون ڳاٽ ڪٽي اُٽ ڪنڌي تي،
تون زنگ نہ پنهنجي خوابن کي،
آزادي هوا ٽِي عشق گهُري،
تون اوڍي ڇڏ اوجاڳن کي،
تون نيڻ چُمي ڏِسي تارن جا،
تقدير بہ پيرن ۾ ٻڌندي،
تون اُڇلي جيڪر خوف اُٿين،
زنجير نہ پيرن ۾ رهندي!
***

زمانو ڪو عقاب ٿيو ته خواب ڪِٿ ڪِري پيا.
ڏکھوا ھو عذاب ٿيو ته خواب ڪِري پيا!

اُداسين جا ورق ھِي پڙھي پُڇا ٿَڪي پئي،
نه ختم ھِي ڪتاب ٿيو ته خواب ھِٿ ڪِري پيا.

شباب جنھن جي، شھر جو مزاج پئي نئون رکيو
اُھو به گل نقاب ٿيو ته خواب ڪِٿ ڪِري پيا.

ٻُڌي ويون ٻاٽ ۾ اکيون سڙي ويا پير ماٿ ۾،
فريب ھِت نصاب ٿيو ته خواب ڪِٿ ڪِري پيا!

مليون نه آٿتون اجھل تِڙيا نه ذلف چانءُ تِي!
وفا ڪان پئي حساب ٿيو ته خواب ڪِٿ ڪِري پيا!

سُمھي سگھيا نه رات جو ستارا، خيال ۾ پکي،
شھيد ڪو حجاب ٿيو ته خواب ڪِٿ ڪِري پيا!

اھا ئي پاڙ سان وڏي نھار بيرُخي ڪئي،
جڏھن به پل ٿيو ته خواب ڪِٿ ڪِري پيا!

***

سج آهي پرين ليٽيو ڏِس شام لَڄريءَ تي!
ويساھ نہ ڪو رکجان ايندڙ تون انڌاريءَ تي!

آواز صنم تُنهنجو دل ڪونہ ٻُڌو آهي،
چڙ ماڪ ڪِري ناهي احساس جي ٽاريءَ تي.

بي واس رڳو دردن من من ڪي آهي ڌُوڙيو،
تاريخ عجب ۾ آ هِن دؤر مداريءَ تي!

صدين ۾ ڪِريل ڳوڙها رولي نہ سگهيو آ ڪو،
ٿوهر ٿِي ڦُٽا آهن برسات ۾ واريءَ تي!

تارا بہ لڳا ڏاريا ڪو رنگ نہ ٿيو پنهنجو،
ڏيئن جيئن ٻريا آهن سپ خواب ڏِياريءَ تي.

هُوءَ چنڊ ملي چئجان اوڪو آ جيئڻ ڏاڍو،
مون وقت ڳٽيو آهي ڪنهن آس ڳُنواريءَ تي!

❋❋❋

ڏرتي توڏي ڏَنجھ وريا ھا.
رَت ۾ رڱجي ھَنج وريا ھا.

ميرا ٻوڙھا خود کي مَھٽي،
کوھن پاسي کنج وريا ھا.

ٽِي وئي ساري سنڌ نڌٽڪي،
طالي گھوڙا سنج وريا ھا.

وقت ڪَسي ويو چانئُون پاچا،
ڪاڙا غم جا گَنج وريا ھا.

سَڏ تي سَڏ جي مهڪ نہ اُپري،
راتيون اوڍي رَنج وريا ھا!

***

# تنهنجي مُرڪڻ ٻُڌايو آ!

لڳو اڪثر ائين آهي،
ڦُلاريل چيٽ ۾ وهنجي،
اُداسي جڻ تہ ٽِڙڪِي آ،
ننڊاکي رات جا راتا،
هُجن جڻ نيڻ هرڻين جا،
پرين جڻ سِنڌ مُرڪي آ،
لڳو اڪثر ائين آهي،
رڳو ناهي اسان جي دل،
هوان جي دل توسان ا،
سيارو توکي ساري ٿو،
گلن جي کِل بہ توسان آ.
نئين مهڪار تنهنجو سُنهن،
ڏسڻ تنهنجو تہ ڏينهن آهي،
صبح جهڙو سُندر چهرو،
نئين تاريخ جيئن آهي.
ڪٽي توکي سنيارن ۾،
پڪين جي خواب جهڙي دل،
جُڳن کان وئي پري آهي.
هيبئين جو هر گهڙي چُلڪڻ،
رڳو تنهنجي ڪري آهي.
اِهو پن چِڻ ٻُڌايو آ،
اسان آهيون زماني ۾،
تنهنجي مُرڪڻ ٻُڌايو آ!

***

# قسم سُرخيل نگاهُن جو !

اسان پڙلاءُ سُڏڪن جا،
اسان زخمن جا اوجاڳا،
اسان احساس جي مِٽي،
اسان ورجاءُ اُڌمن جا،
غضب جي مُند ۾ جاڳي،
ڏيون ٿا عشق جو هوڪو،
سمنڊ جي دانهن تي ترڳي،
لِکون ٿا درد جو نوحو
هوا جا چِرڪ سمجهون ٿا،
اسان ڪي خواب صُبحن جا،
ڪڏهن ڪنهن سينڌ ۾ واسو
ڪڏهن پاڻي تي آ پاڇو
ڪڏهن آ سوچ ۾ مُڪڙي،
ڪڏهن آ روح ۾ ڪاچو
اسان رولاپ سڏڙن جا،
غمن جي ماڪ ٿا پيئون،
رُڳن ۾ جنڊ ٿا جاڳن،
رڳو تانڊا ٿا جڙ ڳِيهون،
قسم سُرخيل نگاهن جو
اسان جو خواب ٻيو ناهي،
فقط گدلي غلاظت جو
اسان ٿا خاتمو چاهيون،
غلامي مان زبانن جو
اسان ٿا آجپو چاهيون!

***

تو پيار جي چُني تي جو ٽانڪيون ادائون،
پل ۾ گلاب ٿِي ويون هِن شهر جون هوائون!

تو ٿڪ ٿيڙي نِيرا آ سانجهہ ۾ نهاريو،
گس گس خُمارجي ويو گرجي اُٿيون گهٽائون!

تازو هوا جو جهُوٽو آيو تہ دل آ ڇِرڪِي!
ڪاون مٿان هليون هِن اڪٿر هتي وفائون.

مان وحشتن جي رڻ کي آهيان لتاڙي پهتو
دردن تي وِجهہ ڀِگهر تون، زخمن تي ڇاڻ ڇانئُون!

تون آرسين جو سپنو تون روشني جو نغمو
تنهنجيون اکيون نِراليون جڻ سنڌ جون صدائون.

اُس ڇانءَ آهي جيون، ٻي نانءَ آهي جيون،
مُرڪون ڦُٽڻ کان اڳ ۾ وچڙن ٿيون پوڳنائون!

ڪيڏا حَسين نعرا تِڙندا رهيا سدا هِن،
ناهن سُتيون تڏهن پِي ڌرتي جون هِي چتائون.

آواز ڏي چپن کي، احساس ڏي گلن کي،
خاموش ٿِي جي ويندين کُٽنديون نہ هِي خِزائون.

***

هڪ ٻئي تي جفا ڇو الزام ڏيون جانُم،
ويچن ڪي بغاوت جو پيغام ڏيون جانُم!

تون حُسن خُماري آ، مان عشق ٻڪيان اُن سان،
مزدور اوجاڳن ڪي آرام ڏيون جانُم!

ڪُجھ سُور سَليون پنهنجا ڪُجھ پُور پڙهون رُت جا،
نظرن ڪي قرارن جي ڪا شام ڏيون جانُم!

رَت خواب، ننڊون، ڳوڙها، جيڪو بہ گُهري وحشت،
محبت جي بقا لاءِ سو دام ڏيون جانُم!

مغرور هوا آهي، ڇڏ اوڙ زماني جي،
اڄ دل ڪي پيري دل اڄ جام ڏيون جانُم!

زخمن سان پريل ڌرتي مُرڪون ٿِي ڏسڻ چاهي،
ڪردار گلابن جو انجام ڏيون جانُم!

***

## تڏهن تہ تون شهيد ٿِئين!

اُداس رات ۾ جِتي،
سمورو ديس هو لُٽيل،
گهٽن جا سِر هُئا جهُڪيل،
سڏن جا پير هُئا ڪپيل،
جِتي نہ آس هُئي اُٿيل،
اُتي تو سوجهرو ڪيو،
ڦهر ۾ تُون اُميد ٿِئين!
تڏهن تہ تون شهيد ٿِئين!

عجيب ذِلتون رهيون
مِٽي جو من وِڪيو وِيو،
غليظ وحشتن اندر،
صُبح پري ڏِڪيو ويو،
ضمير پئي ڦِريا رڳو،
سفر سمورا درد ها،
نيون نہ دليون هيون،
اکين جا خواب زرد ها،
وڏا عذاب ها مگر،
نہ ڪنهن کان تُون خريد ٿِئين،
تڏهن تہ تون شهيد ٿِئين!

زماني جي اکين ڏِٺو
هوا تان سنگهرون لٿيون!
پرهہ اچڻ جي آس ٿِي،
عوام کي اکيون مليون،
ڪُٺل دلين جي سوڳ تي،
وفا جا تو ٻها رکيا،

پگھر ڦُڙن جي ماٽ تي،
گلاب تو نوان رکيا!
انڌي اکين جي ديد ٿِئين،
تڏهن تہ تون شهيد ٿِئين!

شهيد تنهنجي هانءُ کي،
سلام آ، سلام آ.
شهيد تُنهنجي نانءُ کي،
سلام آ، سلام آ!

(شهيد محترمہ بينظير ڀُٽوجي نانءُ)

***

# شهيدن کي خراج

وقت وڃي ٿو ماڪ رَڙي ٿي!
ڏينهن تَتي ٿو خاڪ رَڙي ٿِي!
سچ لهي ٿو ڪاڪ رَڙي ٿِي،
چنڊ اچي ٿو ماٺ رَڙي ٿِي!
واٽن جون ويرانيون شاهد،
ڪيڏو سوڳ زمين ڪيو آ،
اونداهي ۾ تنهنجي وڇڙڻ،
گُل گُل کي غمگين ڪيو آ،
مورن ناچ وسايو آهي،
ٻاٻيهن جو ساهه سڙيو آ،
رابيلن کي باهه لڳي آ،
مٽي جو ويساهه سڙيو آ.
تنهنجي غم جا چارا شاهد،
اُلڪا شاهد، تارا شاهد،
اوجاڳيل جا هِي نعرا شاهد،
نيڻن جا ڪيڏارا شاهد،
تنهنجي غم جا ڳوڙها وارث،
ڦُلڙيون وارث، سُڏڪا وارث،
اجرڪ پوتيون صدما وارث،
هِن ڌرتيءَ جا ڄاوا وارث
ديس لُٽيل جون دانهون وارث،
اوٺاري جون يادون وارث.
سُرخ شهادت ماٿي اونچي،
توئي سچ اُجاريو آهي،
تنهنجي رَت جي رُتبي ٻيهر،

رڻ تي سج اُڀاريو آهي!
تنهنجو روح ستارن وانگي،
اجهڻو ناهي ٻرڻو آهي،
ڌرتي جو ويساهه چوي ٿو،
تنهنجو نالو مرڻو ناهي!

❋❋❋

پنهنجن جا ئي هٿ هُئا ڪِن ڪاتين ۾،
خواب اسان جا ماريا ويا اڌ راتين ۾.

ٻُوند ٽيڙ ڪان اڳ ۾ اُن کي ٻاريو ويو
اڇڙو هو جنهن پاڪر کي برساتن ۾!

عشق سواءِ وڃندي ناهي ڪا ٻولي،
شامل آهي ڪو تہ پکين جي لاتين ۾!

پتر ٽيندا ڪونہ هينئان رُت ڇاڻي وئي،
قرب ڦُٽي پيا ايڏا آهن جهاتين ۾.

ڪنهن بہ جفا ۾ همت ناهي جو روڪي،
آس تِڙي تِي آرس موڙي ڇاتين ۾.

پاڻ پراڻي متي آهيون اوير جي،
سڏ ڏيون ٿا ساٿين کي پرڀاتين ۾.

***

منڙو ارپيو رڻ جي ڏِي!
وس ۾ پنهنجي ناهي جِي!

آئون سُڄاڻان هُن جا پار،
مُرڪ نه موهي اهڙي ٻِي!

سوچن ۾ ڪا تجلي آهي،
ڇا جا پارا، ڇا جا سِي!

اوجاڳن کي آڻت ڳُهرجي،
ٿر جي رات اسان جي ٿِي!

ٻُول نه دِلڙي ڇانئُن کي،
ساڳي وستي ناهي هِي!

اي غم وِهه جو پيالو هان!
سوچي سمجهي مون کي پِي!

***

گهاٽا تِي وِيَل گهر!

مُنهنجي ئي تاريخ هِن!

چنڊ ٻُڏا پئي چيٽ ۾،

هَڪُلن جا هوڪر!

مُنهنجي ئي تاريخ هِن!

ڪجلارين جا قافلا،

پيرن ۾ نيئر!

مُنهنجي ئي تاريخ هِن!

گهاوَ هٽي ڪئين رات ۾،

نڪري ويا نادر!

مُنهنجي ئي تاريخ هِن!

ٻاگهل پوتي واءُ ۾،

دودي جا شهپر!

مُنهنجي ئي تاريخ هِن!

***

# سنڌوءَ درياه

تاريخ جي دل ڄاڻي، تهذيب هِتان سِرجي،
رگويد هتان اُڀريو هر جاڳ هِتان چَمڪِي!
جنهن انگ ڏِکيو ڀهريون سِنڌوءَ تہ اُهو آهي،
سِنڌوءَ تہ سُتو ناهي، سِنڌوءَ تہ سُتو ناهي!

مدهوش ڪٽي ڇوليون ڪنهن راڳ جيان جُهوميو،
دل دل کي وِجهي ڀاڪر آ ڀاڳ جيان جُهوميو،
تنهن وقت بہ آ ٻُڏڪيو جنهن وقت سُڪو آهي،
سِنڌوءَ تہ سُتو ناهي، سِنڌوءَ سُتو ناهي!

دشمن جي ارادن لئہ ديوار جيان جاڳي،
غدار جي سوچن لئہ ڪنهن گار جيان جاڳي،
منحوس جي سيني ۾ خنجر ٿِي کُتو آهي،
سِنڌوءَ تہ سُتو ناهي، سِنڌوءَ تہ سُتو ناهي!

محبوب حَسينن جي ذلفن جون ڳُتون شاهد،
مخمور گلابن جون هِي سُرخ رُتون شاهد،
بارش جي هوا وانگي خُوشبو هِي رڳو آهي!
سِنڌوءَ تہ سُتو ناهي، سِنڌوءَ تہ سُتو ناهي!

دولهہ جو هينئون سِنڌو، هوشو جو بدن سِنڌوءَ،
ڪينجهر جو ڪنول سِنڌو، تلٿلي جو وچن سنڌوءَ،
هر عشق جي مُکڙي مان سنڌو ئِي ڦُٽو آهي!
سِنڌوءَ تہ سُتو ناهي، سِنڌوءَ تہ سُتو ناهي!

***

# چنڊ منصور آ!

روشني تِي چَوي دؤر ناسُور آ،
چنڊ منصور آ!
کوڙ ڪارا ڪُتا ڳرُ ڪٽي تا ڏِسن،
رات جِي، تهمتن جيئن تِکي گهور آ!
چنڊ مَنصور آ !
پل زمانو سڄو آڳرين کي ڪَٽي،
ڪونہ ڳاڙهين دلين کان ذرو دُور آ.
چنڊ مَنصور آ !
روح جن جا انڌا، سي تہ سمجهن بہ ڇا؟
دل جي تاريخ جو سانورو پُور آ!
چنڊ مَنصور آ !
عاشقي جي مِٽي ناهي مرٽي ڪڏهن،
ڪونہ جُهڪٽو هينئين جو ڪڏهن نُور آ!
چنڊ مَنصور آ!
چنڊ مَنصور آ !

***

توکي سَڏ ورايو ناهي،
چپڻُ اسان کي آيو ناهي!

چئو هِي ڪهڙي موسم آهي؟
ڪنهن پِي چُوڙي ڳايو ناهي!

ڇهرا آيا، تارا آيا،
ڪنهن کو درد گهٽايو ناهي!

جيڏو تُنهنجي ياد وِلوڙيو،
ايڏو ڪنهن تڙپايو ناهي!

گُل ڇٽي ويا پر تنهائي،
خُوشبوءِ کي پرچايو ناهي!

هڪڙو آهي چنڊ لڪل بس،
دل ۾ ٻيو سرمايو ناهي!

وهمن پوڳ ڪيو آ اهڙو،
بارش در کڙڪايو ناهي!

سال ٿيا هِن توکان وِڇڙي،
وقت وري ڳالهايو ناهي!

***

اکين ائين نہ تاڻ!
متان رِڻ رَڙي پوي!
ڪيڏو جذبا جيءُ ۾،
ڪيڏي آ سُرهاڻ!
اکيون ائين نہ تاڻ!
متان رِڻ رَڙي پوي!
تنهائي، کهڙي خبر،
چا چا ڪندي هاڻ!
اکيون ائين نہ تاڻ!
متان رِڻ رَڙي پوي!
ٽِڙندا گُل رابيل جا،
تارين ۾ پڪ چاڻ.
اکيون ائين نہ تاڻ!
متان رِڻ رَڙي پوي!
سدا وَسندي ئِي رهي،
چُوڙين تي چانداڻ.
اکيون ائين نہ تاڻ!
متان رِڻ رَڙي پوي!
ناهن ويچا پاڻ ۾،
دليون آهن ساڻ.
اکيون ائين نہ تاڻ!
متان رِڻ رَڙي پوي!

***

# هاڻي هلجي!

دردِ اکين جو ڇاڻي هَلجي!
رات رُني آ هاڻي هلجي!

موسم مُکري هيل نہ ٿِي آ،
آس اجان رابيل نہ ٿِي آ،
رستو رستو ڪاريهر ٿيو،
اک ٻُنڙ جي ويل نہ ٿِي آ.
پنڌ پري آ ڄاڻي هلجي،
رات رُني آ هاڻي هلجي!

سيني سيني تي آ خنجر،
رت ۾ ٻوڙيل آهن منظر
پل پل ڪي پَئي پنڇڙ ڪائي!
ياد اچي ٿِي ٿلتي هَر هَر!
سنڌ سَڏيو آ گهاڻي هلجي،
رات رُني آ هاڻي هلجي!

ڇا ٿيو ڪارا دوکا آسن،
واٽون ڪاريون ڪوڪا آهن!
ڇا ٿيو چنڊ وڃايل آهي،
ڇا ٿيو رڻ جا هوڪا آهن!
عشق سنڌي کي تاڻي هلجي،
رات رُني آ هاڻي هلجي!

***

حجابي مُنهن سان مهڪيل نگاهُون ٿيا ڪرن جِهڙيون،
اُڏري هوش ويون آهن ادائُون ٿيا ڪرن جهڙيون.

اچي ويو روح جڻ رِڃُ ۾، لُڇڻ ممڪن رهيو ناهي،
ڪِڙن ٿيون هاڻ تارن جيئن صدائون ٿيا ڪرن جهڙيون.

ٿلي هُج ڪنهن ٻه ويڙهي ۾ وسارڻ جهڙي ڪِٿ آهين؟
ٿنيان تنهنجي اُڏيون آهن پُڇائون ٿيا ڪرن جهڙيون!

اچي ڪيئن ننڊ چئو جانم، تصور تُنهنجا پيا جاڳن،
ننڊاڪيون لاڙجون راتيون هوائون ٿيا ڪرن جهڙيون!

اسان کي ڪونه ٿا گهرجن زمانا سون موتي رکيم،
اسان لئه ڪوڙهِي آهن وفائون ٿيا ڪرن جهڙيون.

***

ٽُون جي وِجھين نگاھ،
راتيون چُوڙيون ٽِپي وَڃن!
ڇَتا چوڙيل ڇيڳرا،
ڪائي ڏِين پناھ!
راتيون چُوڙيون ٽِپي وَڃن!
اڪيون اڪين سان ٻَڪي،
ڪجي چنڊ گواھ!
راتيون چُوڙيون ٽِپي وَڃن!
ماڻي جنم سؤ دفعا،
ڪجي عشق گناھ!
راتيون چُوڙيون ٽِپي وَڃن!
ڦُلڙيون ڦُلڙيون ڏيھ مان،
ڪِسڪي شل اونداھ!
راتيون چَوڙيون ٽِپي وَڃن!

***

اکڙيون رڻ ٻارِين!
ڪيڏانهن وڃجي چئو ڀلا؟
نيريون مُرڪون لهر تِي!
ٻورين ۾ تارين!
ڪيڏانهن وڃجي چئو ڀلا؟
چُوڙيون سَڏِين چنڊ کي،
آرس اُڀ ڏارِين!
ڪيڏانهن وڃجي چئو ڀلا؟
ٻڪجي ڪاڪُل رُوح سان،
راتيون خُمارِين!
ڪيڏانهن وڃجي چئو ڀلا؟
ٽَٽيون ٽڏيون بي چَيون،
يادون گڏ گهارِين!
ڪيڏانهن وڃجي چئو ڀلا؟

***

## پرھ جي دلبري آھي!

صنم، تون اجنبي ناھي!
ھوا توکي سُڃاڻي ٿِي،
پٿر جي ديس ۾ ھوندي،
وفا توکي سُڃاڻي ٿِي!

اِھو جوڀن غضب جھڙو،
اوجاڳن جو ڏرم آھي!
اجايل عشق ڪافر جي،
پڇائن جو ڀرم آھي!
رڻن ۾ روشني آھين!
صنم، تون اجنبي ناھين!

اجا تنھنجي ادائَن ۾،
قھر جو شھر جاڳي ٿو،
اجا دل جي ڪنارن تي،
عجب جو پھر جاڳي ٿو!
صدين جي شاعري آھين!
صنم، تون اجنبي ناھين!

زماني کي خبر ڪھڙي،
اِھي مرڪون فجر آھن،
ٽِين توتان فدا تارا،
تنھنجيون ڳالھيون چمر آھن!
صبح جي دلبري آھين!
صنم، تون اجنبي ناھين!

اِنهن نيڻن اڳيان سُورج،
پراڻو ٿي سِگهيو آهي!
ڏِسي تنهنجي حجابن کي،
وڃي چنڊ پڻ لِڪو آهي،
وِڇُن جي آرسي آهين!
صنم، تون اجنبي ناهين!

❋❋❋

وِجهي نہ ڪو نقاب اچ،
اچين تہ بي حجاب اچ.

هِتي سَرءُ جو راڄ آ،
اسان ڏي تِي گلاب اچ.

گهڙين جا ڳل رَتا ٿيا،
سُتا پکي شباب اچ!

وطن ۾ درد پيو رُلي،
چٽين پيا هاڻ خواب اچ!

اُتي آ دل اُڏار لئہ،
حُسن جا تون عقاب اچ!

ڪِلي بہ چار پل وٺون،
پلي پوءِ تون عذاب اچ!

***

تارو تارو ڇڻ ڪو ٽانڊو!

ڪِرڙن ڪُهنبا پاتا ڍوليا!
تو نہ سنڀاريا ناتا ڍوليا!

ٿوهر دل ۾ ڦاٽل آهن.
سِرڪِي آيا بادل آهن،
وهم وريا اڻ ڄاتا ڍوليا!
تو نہ سنڀاريا ناتا ڍولتا!

واءُ همرچو پيو جهونگاري،
مُند ٺڏيري ڪوهي ماري،
پيار ڏئي پاراتا ڍوليا.
تو نہ سنڀاريا ناتا ڍوليا!

روح رُلي ٿيو آهي ماندو!
تارو ڇڻ ڪو ٽانڊو!
نيڻ ننڊاڪا آتا ڍوليا!
تو نہ سنڀاريا ناتا ڍوليا!

***

# اَڪُ جو پاڇو آهين!

جي ڪنهن خواب نہ کوليو توکي،
پوءِ تون ڄاڻ تہ ڪُجھہ پڻ ناهين،
رِڻ ۾ اَڪ جو پاڇو آهين!

ڪُجھہ آ، جنهن لئہ پئونر رُلي ٿو!
ڪُجھہ آ، جنهن لئہ مور جهُلي ٿو!
ڪُجھہ آ، جنهن لئہ واءُ گُهلي ٿو
جي ڪنهن تانگھہ نہ ڇوليو توکي،
پوءِ تون ڄاڻ تہ ڪجھہ پڻ ناهين!
رِڻ ۾ اَڪ جو پاڇو آهين!

حُسن انوکو ڏانوڻ آهي،
چاهت چاهت سانوڻ آهي،
پاڪر پاڪر ڪامڻ آهي،
جنهن ڪنهن مرڪ نہ روليو توکي،
پوءِ تون ڄاڻ تہ ڪُجھہ پڻ ناهين!
رِڻ ۾ اَڪ جو پاڇو آهين!

تارن جهڙيون جندڙيون آهن!
اڻ جَهل اُجريون اکڙيون آهن!
هر ڏِس اُپريل مُکڙيون آهن!
جي ڪنهن واس نہ ڳوليو توکي،
پوءِ تون ڄاڻ تہ ڪُجھہ پڻ ناهين!
رِڻ ۾ اَڪ جو پاڇو آهين!

❋❋❋

رڻ تي اُڀري موهي ٿو احساس کي،
چونڊو آهي وَنڊ، مون سان دل جا ممرا!

مورن پنک متي ڪٽي، ڳاتا آهن ڳيچُ،
سانوڻ ٽُنهنجي چيچُ، ڪولهڻ قابو آ ڪئي!

ڪِسڪي ويندي ڪُوڙ جيئن، رهزن ڪاري رات،
پهڻن ۾ پرِيات، اچٽي آهي روپلا.

سِج جي هيڻان ساڳيا پاٽيارين جا پنڌ،
اجا سُوراچند، پاٽي ٿو ميرو پيئي.

نِڪري آءُ نقاب مان، پوڙيسر جا خواب،
سِرجي نئون باب، عشق جي اتهاس جو!

(سوراچند: ننگرپارڪر جو خوبصورت ڳوٺڙو)

***

# سمنڊ ٻڏجي ويا آهيون!

اسان جي بندگي يارو،
اِهائي عاشقي آهي!
اسان جنهن لئہ نندڻون ٻاري،
ڪڏهن چارا ٽَڪيا آهن،
ڪڏهن ڇِرڪي بهارن ۾،
ڪنڊا دل سان ٻَڪيا آهن!
ڪڏهن هُن جي پڇائن ۾،
وڃايو پاڻ ڪي آهي.
ڪڏهن هُن جي نگاهن تي،
لُٽايو پاڻ ڪي آهي،
اسان غمناڪ شامن ۾،
لَڏو سُرهاڻ ڪي آهي،
سدائين دل جي اجرڪ سان،
ٻَڌو سُرهاڻ ڪي آهي!
نہ مسجد ۾ ويا آهيون،
نہ مندر جا ٿيا آهيون!
رڳو بس شهر هُن جي ۾،
رَتو رَت ٿِي وريا آهيون!
اونداهيَن ڪي خبر آهي،
ڪٿي بس پيار هُن جوئي،
ڪٿي گُل ٿِي ٽڙيا آهيون.
ڪٿي ڏُوري جي موسم ۾،
پنن وانگي ڇڻيا آهيون!
مهاريو هُم جڏهن آهي،

سمنڊ بڻجي ويا آهيون!
وساريو هُن جڏهن آهي،
تڏهن صحرا ٿيا آهيون!
اسان جي زندگي يارو
اِها ئي عاشقي آهي!
اسان جي بندگي يارو،
اِهائي عاشقي آهي!

❋❋❋

سِنڌ سدائين گهوٽيتن جو موڙ لڳي شل،
ڪارونجهر جي سِر تي اجرڪ جهُومي شل،
ڪينجهر نُوري جي ٽِي پوتي مهڪي شال.
سِنڌوءَ هوشو وانگي پيو گجگوڙ ڪري شل!
سِنڌ سدائين گهوٽيتن جو موڙ لڳي شل.

***

هاڻ نُوندن جون ڦُلڙيون اِجهو ٽيون ڇڻن!
روح پنهنجا روهيڙا ڪري اڄ وٺو.
نينگريون هُو ڏِسو، ڇيڪريون هُو ڏسو.
ڪاسبي تي ڪکر آرشُون پيا پَچن!
هاڻ بوندن جون ڦُلڙيون اِجهو ٽيون ڇڻن!

***

روح اندر جي ڪي ڇاڇولي رات ڇٽي وئي!
چنڊ سُمهي پيو، تارا ڏسندي ياد پِئين.
ننڊ مري وئي ڳوڙها وهندي ياد پِئين.
زخم پراڻو ڪوئي کولي رات ڇٽي وئي.
روح اندر جي ڪي ڇاڇولي رات ڇٽي وئي!

***

چنڊ رُسي ويو آهي جيئڙا،
تارن کان تنهايون وٺ،
يارن کان تنهايون وٺ.
دوُر دُکي ويو آهي جيئڙا!
چنڊ رُسي ويو آهي جيئڙا.

***

زخمن جا مليل موتي انسان ڳڻيا ناهن،
ڪِٿ آس جي اک نِڪتي، ڪِٿ دل جي ڇَٽي مُڪڙي،
ڪو ٿهڪ ڪِٿي گمُ ٿيو ڪا مُرڪ ڪِٿي وڇڙي،
رستن ۾ لُٽيل پنهنجا ارمان ڳڻيا ناهن!
زخمن جا مليل موتي انسان ڳڻيا ناهن.

***

جيجل تنهنجو کير کَري ويو!
ڏارين ڏي ڪم ظرف ڏِڪاٽو.
نوٽن تي بي شرم وِڪاٽو،
دولهہ جو چڙ خواب مَري ويو!
جيجل تنهنجو کير کَري ويو!

***

# يادگيريون اڇن!

ڇا تہ هيريُون اڇن،
يادگيريون اڇن،
تُنهنجُون ڳالهيون وري،
ياد نِيريون اڇن.
وقت اهڙو سڄو،
ڪِن جوانين مٿي،
جڏ تہ پِيريون اڇن!
ڪيئي جهيريُون اڇن،
يادگيريون اڇن!
ڏوڙِ مٿي منجهان،
واس تنهنجو اچي،
تون الاءِ ڪٿي؟
دل پڪين ڪان پُڇي!
هاڻ چُوري جيان،
ننڊ اڪثر ڀڄي.
رات ڪانڌي جيان،
ماٺ مِرتِي اچي،
ڪنهن ستاري جو ٿو،
جڏ جنازو ڪڄي!
درد نيڻن سندو،
چنڊ ڏي ٿو وڃي،
گهاءِ دل جو ڀلا،
اُس تي ڪيئن سُڪي؟
وقت ڊُڪندو وڃي!
زندگي تِي ڏسي،

رنگ اُڏندو وڃي،
آرسي تي ڏسي،
ڪنهن پڇاڻي جيان،
ميري پاڻي جيان،
هِي حياتي سڄي
ڪنهن ڪهاڻي جيان!
پاڻ ناهيون مليا،
چانورن ۾ اجان،
پاڻ آهيون جُدا،
ساحلن تي اجان.

❋❋❋

وِڪري وچان نہ آئون، ڏي چانورو چِتن جو!
ويران موسمن ۾ سڀ واس پيا سُمهي هِن،
مُڪرين تي ماڪ جهڙا احساس پيا سُمهي هِن!
ناهن ڪٿي پناهُون احساس ڏي وطن جو!
وِڪري وچان نہ آئون، ڏي چانورو چِتن جو!

❋❋❋

حُسن اهڙو نہ اڳ مون ڏٺو آ پرين،
ڳوٺ تنهنجي جي آهي عجيب راتڙي،
عرش اوڏي هجي چڻ رِلي لاڙجي،
سِنڌ ڌرتي جي موسم جو سڌ تي لڳين!
حُسن اهڙو نہ اڳ مون ڏٺو آ پرين!

❋❋❋

آئون اڳي ئي وڪريل آهيان!
منهنجي مَن تي شام نہ هار!
اڇٽو ناهي، ڳالهہ سِڌي ڪر!
موسم تي الزام نہ هار!

❋❋❋

الزامن جي آگر تِي،
دنيا ٽانڊي وانگر تِي.
تون بہ هلي وئين وار ورائي.
ڪونہ گهڙي ڪا ياگُر تِي.

❋❋❋

دنيا روڪڻ ڪونہ ڇَڏيندي ڄاڻي وٽ،
چاهت ٻولڻ ڪونہ ڇڏيندي ڄاڻي وٽ.

وحشت جي آ فطرت خُوشبو لوڏڻ جي،
ڳوڙها رولڻ ڪونہ ڇڏيندي ڄاڻي وٽ.

دل تہ بغاوت جو آ نالو ٻِيُو جانُم،
محبت ڳولڻ ڪونہ ڇڏيندي ڄاڻي وٽ.

چانڊوڪيءَ کي روڪڻ چاهين روڪي ڏِس!
ذلف قلهورڻ ڪونہ ڇڏيندي ڄاڻي وٽ.

جاڳ اسان کي عشق ڏِني آ ورثي ۾،
جهيڙو جوتڻ ڪونہ ڇڏيندي ڄاڻي وٽ!

***

مُنهنجو هي ويساهُ مُئو آ ڇا تِي پيو،
چانڊوڪين ۾ هاڻ به پَلڙا ٿهڪ ڏين ٿا،
پيار نشانين وارا ڇَلڙا مهڪ ڏين ٿا،
تنهنجي دل مان چاهه مُئو آ ڇا تِي پيو،
مُنهنجو جي ويساهُ مُئو آ ڇا تِي پيو!

***

ٻي هنڌ وِڪيا جذبا هُندا،
هينئڙ ناهن هَٽ اسان جا!
چانڊوڪين جا ٻاريل آهيون،
سُڪڙا ناهن ڦَٽ اسان جا!

***

اِهو نه پُڇ ته ڇا مِليو!
رُلي ويا خواب راهه ۾،
سڙيا گلاب باهه ۾،
اکين تي غم نئون کِليو!
اِهو نه پُڇ ته ڇا مليو!

***

عجيب غم آ دوست!
دغا ۾ سِڄ لَٿي مُئو!
هُو پيار دل مٿي مُئو!
ٻُڏي ويو روح اوچتو!
عجيب غم آ دوستو!

***

# وڏيل روهيڙو ڪو ناهيان!

ڪٽي ويو وقت آهي ڪِل!
ڪڏهن ڦُلجي ڦلا ڪِٿ مِل!

وڏيل روهيڙو ڪو ناهيان،
رَندو ٻٽجي نہ هاٽي چِل!
ڪڏهن ڦُلجي ڦلا ڪِٿَ مِل!

وڇوڙو جهنگ وانگي آ،
ڪنڌن تي آ ڪِري ڦَئي ڊِل،
ڪڏهن ڦُلجي ڦلا ڪِٿ مِل!

هينئون آ ياد جي ٻيڙي،
جسم ڪنهن سوور جو ساحل!
ڪڏهن ڦُلجي ڦلا ڪِٿ مِل!

***

وقت کي اک پل رکو!
دؤر هِي بي واس آ،
سازشي راڪاس آ،
پُونءِ کي ٻَک ۾ رکو!
وقت کي اک پل رکو!

❊❊❊

گهَڙِي هَر هِندورو چوان ٿو چوان ٿو،
وفا جون حيا جون جواڻيون وٽن!
چپن کي چپن جون وراڻيون وٽن،
حُسن جو آ ٿورو، چوان ٿو چوان ٿو!
گهَڙِي هَر هندورو چوان ٿو چوان ٿو.

❊❊❊

اهڙا وحشي وار ٿيا!
پنهنجا ڀاڪر ڏار ٿيا.
ڪاوا دل مان پار ٿيا!
روح رُنوا آڏيءَ ۾،
تارا ناهن يار ٿيا.
ڪاوا دل مان پار ٿيا!
موڙي مُنهن آ مهڪ وئي.
گُل جا مالڪ خار ٿيا.
ڪاوا دل مان پار ٿيا!
هيل نہ موتي مُند ڀنل،
چَلڙا هِن اوچنگار ٿيا.
ڪاوا دل مان پار ٿيا!
پنهنجا خواب ڀڃائي ڏس!
ڳاڙها کُهنبا چار ٿيا.
ڪاوا دل مان پار ٿيا!
سنڌ اڃا آ ٽاندن تي،
پنهنجا هِن غدار ٿيا!
ڪاوا دل مان پار ٿيا!

***

# مان باغي هان!

مان مُنڪر هان مان باغي هان!
ڳوڙن جي ڪنيل ديوارن جو
وحشين جي چڙيل ويچارن جو
ماڻهن تي مڙهيل ماتارن جو
دوکن سان اڏيل ڪردارن جو
ڦورن جي گهڙيل فرمانن جو
مان مُنڪر هان مان باغي هان!
جن گهر گهر ساڙي پيٽ لُتيا،
جن چوليون ڦاڙي چيٽ لُتيا.
جن چُڙن کان آواز کسيو
جن ارمانن جا ٻيٽ لُتيا!
تن منحوسن مُردارن جو!
مان مُنڪر هان مان باغي هان!

دل سُڏڪن جي ٽِ ٻاهه ڪٽي.
پيو ٽانڊن تي چڙ نيڻ رکان!
ڪيئن چُوڙين ۾ روپوش ٿيان!
پئي سنڌ هينئين ۾ ساهه ڪٽي!
هر قاتل جي دهمانن جو
مان مُنڪر هان مان باغي هان!

تون ڏُوتن جا احوال ڪرين،
مان منصورن جي ڳالهه ڪريان!
تون ڪاٽيارن تي چانءُ رکين،
مان دودن کي ويساهه سڏيان!
ڪم ظرفن جو مروانن جو
مان مُنڪر هان مان باغي هان!

***

سُريون اُڃ تِي آڱريون، آگم تِي ويا انگ،
وڄڙين جهڙا ونگ، ويڙهي ويا وجود کي.

ڪڏهن سمجهيو ڪونہ آ، پٿر کي انسان،
پٿر هٽي پيار کي، پٿر کي ڏئي مان،
پٿر آ حيران، اڃا پنهنجو پاڻ تي.

ڪاهُو جي جڙ روح مان، اُپري آ ڪا رِيھُ،
”مون ۾ ڪو اسرار آ، مون وٽ ٿورو بيھ،
پنهنجو نِيھُ، سنيھُ ساڳيو آهي سنڌ لئہ!“

ڪاهُوءَ توتي ڪيترا، اُنا آهن مِينهن،
پوءِ بہ توتي ڏينهن، مون کي ميرا ٿا لڳن.

هُونئن تہ منهنجا ڏُک، گهتجڻ ڪان آهن گهٽا،
هڪڙي تنهنجي مُک، ارپيون آهن آٿتون!

***

## رهي نہ موسم

عجيب يادون عجيب سوچون،
تتل ذهن ۾ اچي ٻرن ٿيون،
صليب ڪو چڙهي ڪٽي هلون ٿا،
پپر پنن جيئن ڇڻي هلون ٿا!
ڦُٽي جدائي لَڏيو قرارن،
لُٽي سُهائي سڏيو نہ چارن،
ڪڪيو نهارن، ٻڪيو ترارن،
لڳو آ، مُرڪڻ ڇڏيو بهارن،
ڪِري پئي هِي وفا ڪنڌن تي،
ٻَرن ٿا رَت جا ڦُڙا ڏڳن تي،
اُهي نہ ٻانهُون رهيون ڳچيءَ ۾،
جنين ۾ ڳاڙها صُبح ٻَڌل ها!
اچي ويون ننڊون اُنهن ڇپن کي،
حُسن جا جيڪي نوان ڪنول ها.
رهي نہ موسم وري ملڻ جي،
رهيا نہ باقي سبب ٽڙڻ جا!
ڪِڙيو نہ ڪوئي ڇِتو اشارو،
ڏهي ويا رستا اچڻ وڃڻ جا.
وڃون ٿا هاڻي ڏُکيل ڏُکن سان،
اُنهي شهر جي ڪچين گهٽين مان،
جنين ۾ پنهنجا حَسين سپنا،
سَتي جي ٻُت جيئن سَڙيا سمورا،
مليا نہ جن کي ڪفن بہ پُورا،

ڪڏهن ها جن سان حَسين ناتا،
اُهي بہ نظرون ائين ڏسن ٿيون،
هُجون جيئن ڏاريان اسان ازل کان،
هجي الڳ ڄڻ سڳنڌ ڪنول کان،
عجيب يادون ائين لُڇن ٿيون!
عجيب سوچون ٻَرن ٿيون!

***

# ڏسندو....!

چُپ ۾ چا تہ نگاھُون بدليون!
گُل ڪان خالي لام تِي وياسين!
احساسن جو ٻور ٻَري ويو
تِي ويا پهر شڪارين وانگي،
اُلريون راتيون آرين وانگي،
ارمانن جو درد وڌي ويو
احساسن جو ٻُور ٻري ويو
ڏسندي ڏِسندي ٿوهر ٿياسين،
ايڏيون هيل هوائون بدليون!

❋❋❋

# برسات ....

مُند اُماڻيا پُور اسان ڏي،
ڪنوڻ نياپا ڪنهن جا آندا،
واهُ حُسن جا ذلف وکيريا،
رڻ جون مُرڪون عشق نهاريون.
وقت اَکن جون ڦُلڙيون ٺاريون،
ماٺ رڳن تي هنڌڙا ڦيريا،
واهُ حسن جا ذلف وکيريا،
ٻيهر جاڳيا گهاوَ هيڪاندا،
سِرڪي آيا سُور اسان ڏي،

***

# حيرانيون

دل سان پَر تل چنڊ بہ ناهي،
ميري موسم، ڪير سڏيندو!؟
تارن کي حيرانيون آهن،
ٿهندو ڀِهندو خواب وجي ٿو!
وڏندو هاڻ عذاب وجي ٿو!
واعدن ۾ ويرانيون آهن!
تارن کي حيرانيون آهن!
واءُ چوي ٿو ڪو بہ نہ ايندو!
پنهنجو وچڙيل پاڇو آهي!

***

# وينگس

بهار رُت ۾ حَسين وينگس،
نهاري تو ۾ ملي آ راحت!
ڪنڊن تان آهي ڪُڏي وئي دل،
هينئُون ڪيڻ لئہ عقاب آيا،
هِتان هُتان ڪئين عذاب آيا.
سندي ئي رَت ۾ ٻُڏي وئي دل،
ڪنڊن تان آهي ڪُڏي وئي دل،
جڏهن بہ تنهنجي سنپاري چاهت،
اداس من تي پڳا تو آرس!

❋❋❋

ڏوتو ناهي پاڻ کي، ڏُوڙيل آڏيگام،
ماندي آ هر شام، ڏڻ هليا ويا لاڙ ڏي،

عطر ۽ تيل واءُ ۾، ننگر تي برسات،
محبت جهڙي رات، ڇُوڙا ٽِي ڇُمندِي گُهمي!

ميرو ٽُنهنجو پولڪو، بارش ڌوئي شال،
سنڌوءَ ڏيئي چال، جيسين موٽي اوج تي.

مُرڪيو آهي سِنڌ جو گهگهي ۾ گُلاب،
پٽائي جو خواب، ڏٺم ڪاچي هَنج ۾!

جاڳي گهاٽِي نندَ مان، ڇِرڪي اُٿيا پُور،
گُجري تنهنجي گُهور، ٽاٽا ٽهڪائي ڇڏيا.

❊❊❊

درد ھِن سوچي اچو!
خوف کي لوڏي اچو،
ڪير ٿو روڪي، اچو!
زخم جھڙي رات آ،
ننڊ کي گھوٽي اچو!
ڪير ٿو روڪي، اچو!
نانگ پيا ڦُوڪن اچا،
عشق کي اوڍي اچو،
ڪير ٿو روڪي، اچو!
پل تہ تارا مُسڪرائن،
ٻانھُن کي لوڏي اچو!
ڪير ٿو روڪي، اچو!
وحشتون مَرنديون ضرور،
پيار بس پوکي اچو.
ڪير ٿو روڪي، اچو!

❊❊❊

تنهائي جي روح جو جيڪر وٺندين واس،
توکي پوءِ احساس ٿيندو ڪوئل ڪُوڪ جو!

او شل پنهنجي سِنڌ ۾، اهڙا ڏينهن اچن،
نيرڳ نندڙون ڳن، آزادي سان آب تي.

ڳُل جي پاڇي ساڻ، ڪيڏو مِٺيءَ چاهه
ننڍڙي ڳالهه نہ آهه، ڄاڻو ڪو ڄاڻي سگهي.

جهڙي سوچ عقاب جي، تِهڙي تُنهنجا جَهٽ،
ٿُون ڇا ڄاڻين ڄَٽ، شاعر جي اظهار کي.

❊❊❊

# منهنجي وس ۾ نہ آ!

مون سان محبت ڪري سُور ٿيندينءَ سَچي!
دير تائين مان ڪنهن جو ٿيان ڪيئن ڀلا؟
منهنجي رڳ رڳ ۾ تانڊو ٿو ٻرندو رهي،
منهنجي من جي مٽي تِي ڪيڏارو لِڪي،
درد جو ٿو درياهہ روز مون ۾ ڇُلي،
ڪيئن من جو مان هوڙو سنڀاليان ڀلا؟
ڪٽڪ وانگي ٿو سج جي مان هينان پَچان!
دلربا تنهنجي ڪومل اکين جو وطن،
ڪو بہ شڪ ناهي تنهنجو اوجاڳيل بدن،
ڪئين فسادن کي ويجهو ٿو آڻي سگهي،
ڪوڙ خوابن جا موتيا ٿو ڇاڻي سگهي.
تنهنجي ڳاڙهن ڳٽن جون نگاهون اِهي،
ڪنهن بہ رَت کي تہ ڪافر ڪري ٿيون سگهن.
تنهنجي هنٺن جي سُرخي جا ڳاڙها جهڙا،
ڪنهن بہ تاريخ کي پُٺ ٿا جنمي سگهن.
حُسن تنهنجي کان انڪار ناهي صفا!
پر ڪجي ڇا جو ڌرتي تي ڀاڪر پري،
ڪئين خزائون ٿيون دل کي ڪٽي ڪِٽ وڃن.
ذهن اڪثر نديءَ وانگي اُٿليو پوي،
دل اُڏاميو وڃي روز ٽلٽي اندر،
روح ڪاميو وڃي روز مڪلي اندر،
آئون اڪثر اروڙن ڏي نِڪريو وڃان!
درد جي ٿو سمونڊن ۾ ليٽيو پوان،
منهنجي وس ۾ خيالن جي ٻيڙي نہ آ.

مون کي هٽڪارون وحشي لتاڙيو وڃن.
شيشي وانگي ڪري ڄڻ پڃي ٿو پوان!
مون کي راتين جا سُڏڪا ٿا ساڙيو وِڃهن!
منهنجي نگري جون چانئُئون سڙي ٿيون وڃن،
منهنجي نگري جون مائون سڙي ٿيون وڃن!
آئون دانُهن جي پوپان ٻُڪيو ٿو پوان،
منهنجي دلڙي ٿِي سنڌڙي کي ٻانُهون وِڃهي.
دير تائين مان ڪنهن جو ٿيان ڪيئن ڀلا؟
مون سان مُحبت ڪري سُور ٿيندينءِ سڄي!

***

# سمجھي ويس مان!

چُپ چو آهين؟ واءُ چيو!
اڄ تون ڳاءِ، گهاءُ چيو!
اکيرن ۾ هُر ڪُر آ،
چانوَن ڪي آ، تاءُ چيو!
سمجهي ويس مان ايندئين تون!
ايندئين تون، ها ايندئين تون!

رات نهارن سان مُرڪيو
لاڙ ليارن سان مُرڪيو
ننڊ نہ آئي چولين ڪي،
سمنڊ ڪنارن سان مُرڪيو!
سمجهي ويس مان ايندئين تون!
اجرڪ وانگر ٽيندئين تُون!
ايندئين تون، ها ايندئين تُون!

ساهہ اڌورا ٻاٽ ڪنيا!
ٻيهر يادن ڳاٽ ڪنيا!
تات طنبورو ٻڌجي وئي!
نيڻ لڇارا سات ڪنيا!
سمجهي ويس مان ايندئين تون!
سَڌ جو تِي سَڌ ويندئين تون!
ايندئين تون، ها ايندئين تون!

***

# هل پتائي ڏي هلون!

وحشتن جا واڙ ڏِس!
ڀُونءِ تِي پيلاڙ ڏِس،
جيءُ هر سال جاڙ ڏس،
درد ٿيو آ لاڙ ڏس،
گهاءُ تي آ گهاءُ ڏس!
هر گهڙي جو تاءُ ڏِس،
سڏ سڏ تي پير آ،
جاڳ سان ورتاءُ ڏس!
روشني جي لڄ لُٽي،
سُونهن تِي آ خاڪ ڏس!
ڪونه ٿيون ڦُلڙيون ڪِلن،
دهشتن جا ڌاڪ ڏِس!
ڏس تہ ڏيئا پيا ٽُٽن،
واءُ آ جڻ روڳ ۾،
ماڳ لاوارث ٿيا،
سنڌ آهي سوڳ ۾،
پوپٽن جا نيڻ ڏِس،
چيٽ ٿيو آ ڇُهنڊڙي،
ڪُنيڙن جي دل سڙي،
زهر ڏوڪيو آ ڇپن،
ڪا نتي مُرڪي گهڙي!
عشق پنهنجو پيل ڪٺي،
عرش جون ٻانهُون ڇُهي،
پر ڌسين تِي قهر جانُم،
ٿڪ پيو سارا ڪسي،
ڏُوڙتِ ويندين چُميون،
جي ٻُڏاسين ذات ۾،
ڪجھ نہ رهندو او صنم،

جي ڪِرياسين رات ۾!
روشنيون ويندِيون رُلي،
وقت آهي گهاٽ ۾،
ٻُڌ، وچولي جي پَريءَ،
اُگهہ تون ڪارو ڪجل،
ويڙهہ هِي گهاٽا ڇَتا،
ڊاهي ڇڏ لالِي لڳل،
اڄ اُداسين کي ٽُڏيون،
پونءِ کي پاڪر پَريون،
رات جي سنگهر ڳٽيون،
هل پٽائي ڏي هلون!

***

## بغاوت جو پڙلاءُ!

زمانن کان ڪاتين تي قاتل جواڻي،
زمانن کان ڦاهين جي موسم پُراڻي،
زمانن کان انسان قيدي اجايل،
زمانن کان وحشت جي پاڳل ڪهاڻي،
زمانن کان وشواس آهن اُجهاڻا،
زمانن کان احساس آهن ڪُساڻا،
زمانن کان خوابن جون ڪڙيل زمينون،
زمانن کان آواز آهن ڪُساڻا،
زمانن کان زندان ٻرندڙ اُهي ئي.
زمانن کان مظلوم ساڳيا تماشا،
زمانن کان محڪوم خوشبو ٻچن جي،
زمانن کان سڙندي شبابن جا لاشا،
پُڇائن کي رڙندي زمانا ٿيا هِن،
نگاهُن کي سڙندي زمانا ٿيا هِن،
جياپن کي ٽانڊن رڳو آهي ڳوليو،
دغائن کي نچندي زمانا ٿيا هِن!
ڏِسو پر نہ جذبن ڇڏيا عشق آهن،
عذابن اڳيان دل مڃي مات ناهي،
ڀلي ڀِھڻ آهن سگهارا گھٽا پي،
رتو چاڙ هٽڙن ڪئي مات ناهي،
ذلالت جي ديوار هاڻي ڪِري بس،
اِنهي سوچ آهي غمن کي گهٽايو.

هوائن تي هاٺي سنگهر ڪونہ سهبي،
اُهو قول آهي زبانن تي آيو،
اُتي ڏس بهارن جا قاتل مداري،
نئون دؤر آهي ڪو ناهي فسانو،
اهو روح آهي بغاوت جو پڙڪو،
اُجهائي اُنهيءَ کي نہ سگهندو زمانو!

***

دلين جا ٽڪاٽا اَجها ئي ٻُڏي ويا،
نوان خواب پنهنجا سڃا ئي ٻُڏي ويا.

سُڪي ويون درن جون سموريون چنبيليون،
گلابن جا ڳاڙها گهگها ئي ٻُڏي ويا!

ڍهي پيون نگر تي انڌيريون گهٽائون،
سنيها، اشارا گهٽا ئي ٻُڏي ويا.

جتي چنڊ چمڪيا اُتي سُور اُڀريا،
ڇُليون ڪونه ڇيرون، ڇلا ئي ٻُڏي ويا.

لڳي جسم پُورن تي مِٽي جي ميندي،
ڪنوارن جا ڪارا ڇَتا ئي ٻُڏي ويا.

اکين کان اکين جي عجيب ٿِي جُدائي،
پڇائون مري ويون پتا ئي ٻُڏي ويا.

***

# اجرڪ سان غداري

جيجل جا ڳپي ڪي ماڳ چڙهڻ،
هوشو جي وچن سان دوکو آ،
قاتل جي هٿن ۾ واڳ ڏيڻ،
دولهہ جي ڪفن جو سؤدو آ،
بيشرمي آ، غداري آ،
هِي سنڌ امڙ جو سؤدو آ،
هِي ناحق آ، هِي دوکو آ،
سنڌوءَ جي ٻچن تي حملو آ،
هارين جي هينئن تي حملو آ،
ڪُنوارن جي ڪنڌن تي حملو آ،
دودن جي ننگن تي حملو آ،
سنڌڙي کي لُٽڻ جي سازش آ،
سسئي جي ڳچي تي حملو آ،
ٻاگهي جي چُني تي حملو آ،
لاڙين جي دلين تي حملو آ،
ٿلتي جي مٽي تي حملو آ،
اجرڪ سان نئين غداري آ،
غدار سڀن تي لعنت آ!

***

سُکن کي نہ تاڃي هنڌن ۾ پياسين،
سڏيو حُسن اُڏري ڦندن ۾ پياسين.

اسان چنڊ ڀوڀان ڏسائُون ڦلهوريون،
انڌيرن جي اڪثر ڳنڍن ۾ پياسين.

ٽٽل عشق پنهنجو عجب آ ڳواهي،
روهيڙن جي وانگي رَندن ۾ پياسين.

لُٽيل ڀاڪرن جي لِکي ڪو ڪهاڻي،
زمانن کان اڳتي ڇنڊن ۾ پياسين.

اوهان ڪونہ ويڙهيون جُدائي جون شالُون،
اسان وحشتن جي ڏندن ۾ پياسين.

هٿن جي تِرين تي ڏيئا ها اسان جي،
پتو پيو صدين جي انڌن ۾ پياسين.

***

ڪچن پيا ڳُلهن تي قبيلن جا لاشا،
ڏکي سنڌ ويني مسيحن جا لاشا.

روئن پيون اُگهاڙن مٿن سان نياڻيون،
مِلن پيا اويلا اسيرن جا لاشا.

وڃو پوپٽو هِت ڪنول ڪونہ آهن،
ڪفن ڪان سِوا هِن حَسينن جا لاشا.

اجا توتي اوندهہ وڏي آهي مڪلي،
گُهمن پيا چِٻن جيئن ضميرن جا لاشا.

اسان خواب وِڪڻي سُتا ڪونہ آهيون!
ڇُرن پيا هينئَن تي حبيبن جا لاشا.

❊❊❊

## ايوب کوسو جا ڇپيل ڪتاب:

| | |
|---|---|
| گلابن جو ڪفن | (شاعري) |
| ديوارن جي دنيا پويان | (جيل ڊائري) |
| اڪيلائيءَ جو آسمان | (شاعري) |
| بارش سوچي ٿي | (نثري ٽڪرا) |
| نگاهون نيرا گُل | (شاعري) |
| درد جون مسافريون | (ڪالم، ڪهاڻيون ۽ نثر) |
| ڪنارن تان سڏ | (شاعري) |
| سِنڌ اُداس آهي | (مضمون ۽ ڪالم ڪهاڻيون) |
| رِڻ تي چانڊوڪي | (شاعري) |
| اوجاڳن جي پن ڇڻ | (شاعري) |
| سهائي سپرينءَ جي | (تحقيق) |
| وڃايل وارث | (ناول) |
| خطن جو مجموعو | (خط) |

## ايوب کوسو جا ايندڙ ڪتاب

| | |
|---|---|
| احساسن تي روشني | (مهاڳ، مقالا ۽ تبصرا) |
| آواز زهر تي ويا | (شاعري) |
| تاريخ جو ٻاريل ماڻهو | (آتم ڪٿا) |